Online آن لائن

2022

نئون سال مبارڪ

# ماهوار سنڌ زراعت ميگزين

# SINDH ZARA'AT

JANUARY - 2022









# سنڌ جي آبادگارن لاءِ خوشخبري

- حڪومت سنڌ پاران پيپلز هاري ڪارڊ ذريعي 1 کان 16 ايڪڙن جي زميندارن کي رعايت ڏيڻ لاءِ درخواستون وٺڻ جو آغاز ڪيو ويو آهي.
- رعايت خريف 2021 جي سارين ۽ وونڊڻن جي فصلن جي (ڊي اي پي)، وونڊڻن جي ٻج ۽ اڇي مک جي ضابطي لاءِ ڏني پئي وڃي. آبادگارن کي صلاح ڏني وڃي ٿي ته پنهنجي ويجهي تعلقي زرعي توسيعي آفيس سان رابطو ڪري درخواستون جمع ڪرائن.
- درخواستن جي جاچ پڙتال ۽ منظوريءَ لاءِ لاڳاپيل اسسٽنٽ ڪمشنر جي سربراهيءَ ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر زرعي توسيع، لاڳاپيل مختيارڪار ۽ آبادگارن جي نمائندن تي مشتمل ڪميٽيون جوڙيون ويون آهن.
- هيءَ رعايت پيپلز هاري ڪارڊ ذريعي ڏني ويندي. جيڪو ڪارڊ سنڌ بينڪ پاران جاري ڪيو ويندو.

**زرعي توسيع، زراعت کاتو، حڪومت سنڌ**



# سنڌ زراعت

# Sindh Zara'at

جنوري 2022 | شمارو: 01

## سٽاءُ


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| .1 | جنوري مهيني ۾ ڪڻڪ لاءِ صلاحون | 03 |
| .2 | يوريا ڀاڻ جو ڪڻڪ تي ڦوهارو | 03 |
| .3 | جنوري مهيني جا زرعي ڪم ڪار | 04 |
| .4 | ڪڻڪ ۾ رتي جي بيماري ۽ ان جو تدارڪ | 05 |
| .5 | سورج مُکيءَ جي پوک | 05 |
| .6 | سنڌ ۾ پيندڙين جي آڳاٽي پوک | 06 |
| .7 | ڊي اي پي (DAP) ڀاڻ ۽ ان جي سڃاڻپ | 07 |
| .8 | انبن ۾ ٽيڊنڊڙ ڪرهور ۽ ان جو تدارڪ | 08 |
| .9 | چانهين / هنداڻي جي پوک | 08 |
| .10 | ايندڙ ٻن ڪان ٽن مهينن ۾ ڀاڄين جي پوکي | 09 |
| .11 | دالين وارن فصلن جا جيت | 11 |
| .12 | سيتا ڦل , شريفه يا ڪسٽرڊ ايپل جي پوک | 12 |
| .13 | بيڊ پلانٽر سان فصلن جي پوکي | 12 |
| .14 | ڀاڻ جي اهميت ۽ ان جا غذائي جزا | 13 |
| .15 | سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ چند مفيد مشورا | 14 |
| .16 | نون بلڊوزرن جي افتتاحي تقريب مهمانِ خاص جناب منظور حسين وساڻ مشيرِ زراعت، حڪومتِ سنڌ | 15 |
| .17 | گهٽ مدت وارا فصل | 16 |
| .18 | رجر سان فصلن جي پوکائي | 17 |
| .19 | ڀاڻن جي قيمتن ۽ فراهميءَ لاءِ ڪنيل قدم | 17 |
| .20 | گوگڙ وصوف ڪان ڏهه دفعا وڌيڪ فائديمند | 19 |
| .21 | وچڙندڙ بيمارين کان بچائڻ لاءِ جانورن کي ڪليندر موجب ٽڪا هڻائڻ | 20 |


ريڊيو پروگرامن ۾ شرڪت ڪندڙ آبادگارن لاءِ خاص پيغام، فصلن لاءِ پاڻيءَ جي گهرج، سٺي ڀاڻ جا فائدا، بيڪنگ سوڊا ۽ نم جي تيل ذريعي جيتن ۽ بيمارين تي ضابطو ۽ ٻج چونڊا ڦٽن؟ متعلق مواد شامل آهي.


- نگران اعليٰ
منظور حسين وساڻ
مشيرِ زراعت
حڪومتِ سنڌ

- نگران
پرويز احمد سيهڙ
سيڪريٽري
زراعت، سپلاءِ ۽ پرائيسز سنڌ

- چيف ايڊيٽر
هدايت الله ڇڄڙو
ڊائريڪٽر جنرل
زرعي توسيع سنڌ

- ايڊيٽر
غلام مصطفيٰ نانگراج
ڊائريڪٽر انفارميشن
زرعي توسيع سنڌ

- معاون
فهيم قريشي، شمائل، مومل ناريجو، باسط ٽالپر
غلام نبي ڏاهري، جاويد ميمڻ ۽ عرفان سومرو

- فوٽوگرافي
الطاف حسين اوڊو ۽ جابر لغاري

- ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ
علي انور لغاري

- ٽائٽل ڊزائين
نزاڪت علي کوکر



ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات ۽ آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز، زرعي توسيع سنڌ

بلاڪ ايف، شهباز بلڊنگ، حيدرآباد

فون: 022-9200108, 022-9201276 ،03111646111

www.ictagrisindh.gov.pk; Email: dir.infoagriext@gmail.co

# ايڊيٽوريل

ڪيميائي ڀاڻن جي کلت ۽ قيمتن ۾ واڌ کي مدِنظر رکندي، زرعي توسيع، زراعت کاتي سنڌ جي سمورن ضلعي آفيسن ۾ ’هنگامي مرڪز‘ قائم ڪيا ويا آهن. هنن مرڪزن تي آبادگارن جون شڪايتون ورتيون وڃن ٿيون ۽ قانون مطابق ضروري ڪارروايون ڪيون پيون وڃن. آبادگارن کي صلاح ڏجي ٿي ته جيڪي به ڪين ڀاڻن جي باري ۾ شڪايت هجي ته پنهنجي ويجهي آفيس واري هنگامي مرڪز سان رابطي ۾ اچن. مرڪزن تي مقرر آفيسرن جا تفصيل آبادگارن جي سهولت لاءِ هن شماري ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

آبادگارن کي زرعي مشورا ڏيڻ لاءِ آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد ۾ ”آبادگار هيلپ لائين 03111646111“ ڪم ڪري رهي آهي. جتان زرعي ماهر آبادگارن کي زرعي مشورا ڏيڻ سان گڏ ضرورت مطابق فيلڊ عملي سان رابطو ڪرايو وڃي ٿو ته جيئن فيلڊ عملو آبادگارن جي زمينن تي وڃي مشورا ڏئي سگهي. هن آبادگار هيلپ لائين مان آبادگارن کي صلاح ڏجي ٿي ته آفيس جي ڏينهن ۽ وقت تي فون ڪري فائدو حاصل ڪن.

آبادگارن کي اهو به اطلاع ڏجي ٿو ته زرعي توسيع، زراعت کاتي سنڌ پاران منجهند جو 2 وڳي فيسبڪ تان لائيو زرعي مشورن جو پروگرام ”سائي ستابي سنڌ“ پڻ ڪيو وڃي ٿو. جنهن ۾ شريڪ ٿي ماهرن کان مشورا وٺي سگهن ٿا.

هن وقت ٿڌ، گهم ۽ مينهوڳيءَ جي ڪري فصلن ۾ مختلف مرض ظاهر ٿي سگهن ٿا، جن ۾ خاص طور تي باغن ۾ پائوڊري، انب جو مهلو ڪٽڪ ۾ رتي وغيره شدت اختيار ڪري سگهن ٿا. ان سان گڏ ڀاڄين ۽ ٻين فصلن ۾ رس چوسڻ وارا جيت وڌي سگهن ٿا. ان لاءِ آبادگارن کي صلاح ڏجي ٿي ته زرعي توسيعي عملي سان رابطي ۾ رهن ۽ پنهنجي فصلن جي روزاني جي بنياد تي جاچ جاري رکن. جيڪي به مسئلو نظر اچي ته هڪدم زرعي عملي جي مشوري سان ضابطو آڻين.

ساٿ سلامت

**غلام مصطفيٰ نانگراج**

ڊائريڪٽر

زرعي اطلاعات، زرعي توسيع سنڌ

حيدرآباد

# جنوري مهيني ۾ ڪڻڪ لاءِ صلاحون

ظفر علي کوکر پرنسپل سائنٽسٽ، ڪڻڪ جو تحقيقي ادارو سڪرنڊ

ڪڻڪ جو فصل جنوري مهيني ۾ پنهنجي واڌ ويجهه جي طرف روان دوان آهي. پاڇاتي پوک به ڊسمبر مهيني ۾ مڪمل ٿي چڪي آهي. ڪڻڪ مان سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ پوکي کان لاباري تائين مڪمل سارسنڀال ۾ توجهه ڏيڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ڪٿي به ڪوتاهي يا سُستي ڪئي وئي ته فصل مان سٺي پيداوار ڪونه ملندي. اُن ڪري روزانو ڪڻڪ کي گهمي ڦري ڏسجي ته جيئن فصل جي ضرورت جو پتو پئي ۽ بروقت تدارڪ ڪري سگهجي.

منداڻتي آڳاتي پوکيل ڪڻڪ هن وقت ٻئي يا ٽئين پاڻي تي هوندي. ڪڻڪ ۾ پهرين پاڻي ڏيڻ کانپوءِ مختلف قسمن جا گندگاهه نڪري ايندا آهن جن جو بروقت تدارڪ ڪري انهن کي ختم ڪجي. ڪيميائي ڀاڻ جيڪو ڪڻڪ پوکڻ کانپوءِ پهرئين ۽ ٻئي پاڻي تي هڪ هڪ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي سو به آڳاتي ڪڻڪ ۾ مڪمل ٿي چُڪو هوندو. منداڻتي ڪڻڪ جنوري مهيني ۾ نِسري داڻو نهڻ يا ڪيري واري مرحلي ۾ هوندي آهي. انهي مرحلي ۾ جنوري مهيني ۾ گهڻي سردي فصل کي نقصان ڏئي سگهي ٿي جنهن ۾ ڪڻڪ جو داڻو مارجي وڃڻ يا سنگن جون چوٽيون يا مڪمل سنگ اڇو ٿي سگهي ويندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ڪڻڪ جي فصل ۾ پاڻي جو وڌ ۾ وڌ خيال رکجي فصل کي سوڪهڙو هرگز نه ڏجي. واهن جي ساليانی بندي به جنوري مهيني ۾ ٿيندي آهي. واهن جي بندي دوران متبادل ٽيوب ويل جي پاڻي جو بندوبست ڪجي.

ڪڻڪ جو پاڇاتو ڊسمبر وارو فصل هن وقت پهرين يا ٻئي پاڻي تي هوندو. ساريال علائقي ۾ ڪڻڪ کي پهريون پاڻي تقريباً 30 کان 35 ڏينهن بعد ڏنو ويندو آهي. ڪيميائي ڀاڻ پهرين پاڻي تي هڪ ٻوري امونيم نائٽريٽ في ايڪڙ جي حساب سان ڏجي ۽ ٻي ٻوري ٻئي پاڻي تي ڏئي ڀاڻ مڪمل ڪجي. اهڙي طرح گندگاهه به پهرين پاڻي ڏيڻ کانپوءِ ڪيميائي دوا جو ڦوهارو ڪري ختم ڪجن. پاڇاتي پوک ۾ مٿي ڏسيل ڪم جنوري مهيني ۾ مڪمل ٿي چُڪا هوندا.

آبادگار ڀائر جنوري مهيني ۾ واهن جي بندي دوران ڪڻڪ جي فصل ۾ پاڻي جو وڌ ۾ وڌ خيال رکن ته جيئن نِسريل ڪڻڪ کي گهڻي ٿڌ نقصان نه پهچائي. ڪڻڪ کي خشڪي يا سوڪهڙو هرگز نه ڏجي. ٽيوب ويل جي پاڻي جو بندوبست ڪري فصل کي سردي کان بچائجي.

# يوريا ڀاڻ جو ڪڻڪ تي ڦوهارو

ڊاڪٽر عبدالحفيظ پيرُ، ڪڻڪ جو تحقيقي ادارو سڪرنڊ

موجوده وقت ۾ ڀاڻ جي کوٽ کي نظر ۾ رکندي آبادگارن کي صلاح ڏجي ته ڪڻڪ جي فصل تي يوريا ڀاڻ جو ڦوهارو ڪري فائدو حاصل ڪري سگهجن ٿا.

يوريا ڀاڻ جي ڦوهاري لاءِ ٻه ڪلو يوريا في 100 لٽر پاڻي ۾ ڳاري هڪ ننڍڙي سرف جي پڙي به هن ۾ ملائي پوءِ ڳار تيار ڪري ڪڻڪ مٿان ڦوهارو ڪجي. يوريا ڀاڻ جا ڪڻڪ تي 2 ڦوهارا فائديمند ثابت ٿيندا. جن مان پهريون ڦوهارو ڪڻڪ 35 ڏينهن جي هجي ته ڪرڻ گُهرجي ۽ ٻيو ڦوهارو پوکيءَ کان پوءِ 45 کان 50 ڏينهن دوران ڪجي.

يوريا ڀاڻ ڦوهاري ذريعي ڪڻڪ کي ڏيڻ جا ڪامياب تجربا سنڌ سميت دنيا جي مختلف ملڪن جهڙوڪ: چائنا، بنگلاديش وغيره ۾ ڪيا ويا آهن. ان ڪري آبادگار هن ڀاڻ جي کوٽ واري صورتحال ۾ يوريا ڦوهارو ڪڻڪ تي ڪري سٺي پيداوار ڪٽي سگهن ٿا. جيڪي آبادگار هن قسم جا تجربا ڏسڻ چاهين ٿا اهي ڪڻڪ جي تحقيقاتي اداري سڪرنڊ ۾ لڳل آهي اتي ڏسي سگهن ٿا ۽ ان بابت معلومات وٺي سگهن ٿا.

# جنوري مهيني جا زرعي ڪم ڪار

زرعي تحقيق سنڌ ٽنڊوڄام

## ڪڻڪ:



فصل مان گندگاهه جو خاتمو آڻجي، آڳاتين جنسن تي ڊي-ون، پتائي، مومل، سرسبز مارئي، امداد، سڪرنڊ-1، سرمن، سسئي، مهراڻ، آبادگار ۽ انمول کي ٻيو پاڻي ڏجي. پاڇاتين جنسن ٽنڊوڄام-83 ۽ ڪرن کي پهرين پاڻي وقت اڌ وزن نائٽروجن ڀاڻ جو ڏيڻ گهرجي.

## ڪمند:

بهار واري ڪمند لاءِ زمين جي تياري اونهي هر سان ڪجي. زمين جي سنوت تي خاص توجهه ڏجي، جنهن جو فصل جي ڦوٽهڙي تي سنئو اثر پوندو. سرءُ واري فصل کي 15 ڏينهن جي وقفي سان پاڻي ڏجي. جيڪڏهن فصل جي حالت اجازت ڏئي ته فصل ۾ گڏ ڪري گندگاهه ڪيڻ گهرجن. جڏهن ته ڪمند جي تيار فصل جي ڪٽائي تکي ڪهاڙي يا ٽوڪي سان زمين ويجهو لاءِ ڪجي. ڪٽيل ڪمند ڪوشش ڪري 24 ڪلاڪن اندر مل ڏانهن موڪلڻ گهرجي، دير ڪرڻ سان ڪمند جو وزن ۽ مناڻ گهٽبو. جيڪڏهن منڍي ڪمند فصل لاءِ رکڻو هجي ته پوءِ زمين جو وچ ۾ هر ڏئي سانهر ڏجي. قطارن وچ ۾ خال پرڻ لاءِ ساڳي جنسن جون گُريون لڳايون وڃن.



## تيلي ٻج:

فصل کي ٽڏ کان بچاءُ لاءِ پاڻي ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن سرنهن ۽ جانبي تي مهلي جو حملو هجي ته زرعي ماهرن جي مشوري سان زهر جو ڦوهارو ڪجي. السي، پواڙي کي پاڻي ڏجي، گندگاهه کي ختم ڪرڻ لاءِ گڏ ڪئي وڃي. فصلن تي مهلو نظر اچي ته ان لاءِ ترت ماهرن جي مشوري سان ضابطو آڻجي.



سورج مُکي جي فصل جي پوک 15 جنوري کان 15 فيبروري تائين ڪجي. انهي لاءِ زمين جي تياري ڪجي، وچولي چيڪي زرخيز زمين جي چونڊ ڪجي. زمين جي سنوت ڪجي، ريج کان پوءِ وٽ واري زمين ۾ ٻه بورين نائٽروفاس ۽ دوباري فصل لاءِ ٻه نائيٽروفاس ۽ اڌ بوري يوريا جي پوکي لاءِ ٻج 2 کان اڍائي ڪلوگرام ڏجي.



## ساوا گاهه:

برسيم ۽ لوسڻ کي گهرج مطابق پاڻي ڏجي ۽ تيار ٿيل فصل جي ڪٽائي ڪجي. جئي لوب لاءِ تيار ٿي وڃي ته يعني 50 سيڪڙو گل نڪري اچن ته لابارو ڪجي، مڪمل گل نڪرڻ ڪري ڪٽائي کان پوءِ ٻيو لوب حاصل نه ٿيندو، ان ڪري جيئن ئي گل نڪرن ته لابارو ڪجي. مڪئي جي پوک لاءِ سفارش ڪيل ٻج ۽ ڀاڻ جو بندوبست ڪجي. جڏهن ته مات گاهه جي بيٺل فصل کي پاري وارين راتين ۾ پاڻي ڏجي.

# ڪڻڪ ۾ رتيءَ جي بيماري ۽ ان جو تدارڪ

محمد علي خاصخيلي، ڊپٽي ڊائريڪٽر زرعي توسيع سانگهڙ

اڄڪلهه ڪڻڪ ۾ رسٽ يا رتي نالي بيماري عام ٿي وئي آهي ۽ هاري به ان بابت سخت پريشان آهن. عام طور تي هي پنن تي ٽيندڙ بيماري فصل کي تمام گهڻو نقصان پهچائيندي آهي، هن بيماريءَ ۾ ڪڻڪ جا پن پيلا ٿيڻ لڳندا آهن. ويجهي کان چڪاس ڪرڻ تي پنن تي پيلا نشان نظر اچن ٿا. جيڪڏهن نمي 5 کان 7 ڏينهن تائين وڌيڪ رهي ۽ گرمي پد 20 کان 25 ڊگري سينٽي گريڊ تي رهي ته اها بيماري حملو ڪري ٿي. هڪ بي تحقيق مان معلوم ٿيو ته بيماري جي شدت گهٽ ۾ گهٽ 7-13 کان 7-16 ۽ وڌ ۾ وڌ 5-23 کان 27-65 درجا سينٽي گريڊ ۽ نمي جي لحاظ کان. 52-64 سيڪڙو جي وچ ۾ نمي ۾ رهي ته هي مرض شدت سان وڌي ٿي. ڪڻڪ جون عام جنسون ۽ خاص طور تي گليڪسي جنس تي هن بيماريءَ جو نسبتاً وڌيڪ خطرو آهي. ياد رهي ته هي بيماري اڪثر ڪري ڏڙين ۾ ٽيندي آهي، ان بيماري کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ٽن قسمن جا زهر تجويز ڪيا ويا آهن.

1. ٽبونازول ۽ فلاڪسي اسٽروبن جو مرڪب. هي زهر 90 گرام جي پيڪنگ ۾ موجود آهي.
2. پراپي ڪونازول: هي زهر 100 ملي لٽر جي پيڪنگ ۾ موجود آهي.
3. ٽيوب ڪونازول ۽ ايزوآڪسي اسٽروبن جو مرڪب آهي. هي زهر ان بيماري لاءِ مؤثر ثابت ٿئي ٿو.
4. ٿايوفينيٽ ميٿائل پڻ هن بيماري جي خلاف اثرائتي آهي.

اهو ڏٺو ويو آهي ته اها بيماري اڪثر ڪري فصل جي ڏڙين يا بارن ۾ ٿئي ٿي. ان ڪري ڪوبه حرج ناهي ته زهر کي سڄي فصل بدران متاثر ڏڙين يا بارن تي اسپري ڪيو وڃي. ائين ڪرڻ سان بيماري کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ ان کي پکڙجڻ کان روڪڻ ۾ مدد ملندي.

# سورج مُکيءَ جي پوک



**پوکيءَ جووقت:** سورج مکيءَ جي پوکي ڏکڻ سنڌ ۾ نومبر کان جنوري ۽ اتر سنڌ ۾ ڊسمبر کان فيبروري مهينن ۾ ڪجي جڏهن ته بي پوکي ڏکڻ سنڌ ۾ جولاءِ کان آگسٽ ۽ اتر سنڌ ۾ جولاءِ کان سيپٽمبر جي مهينن ۾ ڪجي.

**پوکيءَ لاءِ جنسون:** سورج موکيءَ جون هائبرڊ يعني ٻسريون جنسون هائي سن-33، هائي سن-39، ايگوارا-4 ٽي-40318 ۽ زرعي تحقيقي اداري پاران ايجاد ڪيل جنس ايچ. او-01 پوکيون وڃن ٿيون.

**ٻج جو مقدار:** ناڙي پوک ۽ ڪريا پوک لاءِ 2 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي.

**پوکيءَ جو طريقو:** ناڙي ۽ ڪريا پوک سٺي پيداوار ڏين ٿيون. جڏهن ته ڇٽ پوک مناسب ناهي.

**ڪيميائي ڀاڻ:** سورج مُکيءَ کي پوکيءَ وقت هڪ ٻوري ڊي اي پي + اڌ ٻوري يوريا + هڪ ٻوري سلفيٽ آف پوٽاش في ايڪڙ يا ٻه ٻوريون نائٽروفاس + هڪ ٻوري يوريا + هڪ ٻوري سلفيٽ آف پوٽاش في ايڪڙ يا اڍائي ٻوريون سنگل سپر فاسفيٽ + هڪ ٻوري يوريا + هڪ ٻوري سلفيٽ آف پوٽاش في ايڪڙ ۽ هيوميٽ پوٽاش 8 ڪلوگرام في ايڪڙ ڏجي. پوکي وقت ۽ مٽيءَ جي چڪاس ڪرائڻ جي سهولت ويجهي هجي ته پوکيءَ کان پهرين زمين جي مٽي چڪاس ڪرائي ان مطابق ڀاڻ ڏجي. بعد وارو يوريا ڀاڻ سورج مکيءَ کي پهرئين پاڻيءَ تي اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ ۽ گل ڦاٽيءَ تي اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ ڏجي جڏهن ته ٽرٽي ميڪرو (20+20+20 تي اي) هڪ ڪان به ڪلوگرام في ايڪڙ هڪ کان ٻن فوٽن جي فصل تي ڦوهارو ڪريو. فرٽي K-50 گل ڦاٽيءَ وقت 10 ڪلوگرام في ايڪڙ ڪنڊيءَ ۾ به ڏئي سگهجي ٿي.

**پاڻيءَ:** سورج مکيءَ کي پهريون پاڻي 30 ڏينهن بعد، ٻيو پاڻي پهرئين پاڻيءَ جي 15 کان 20 ڏينهن بعد، ٽيون پاڻي گل ڦاٽيءَ وقت، چوٿون پاڻي ٻج ٺهڻ وقت ۽ پنجون پاڻي چوٿين پاڻيءَ جي 15 ڏينهن بعد ڏيڻ گهرجي.

وڌيڪ معلومات ۽ مشورن لاءِ ويجهي زرعي توسيعي عملي سان رابطو ڪجي يا وري آفيس جي وقت دوران آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد جي آبادگار هيلپ لائين 03111646111 تي فون ڪري زرعي ماهرن سان رابطو ڪجي.

# سنڌ ۾ ڀينڊين جي اڳاٽي پوک

سراج الدين مجيداڻو

ڀينڊيون غذائيت سان ڀرپور ٿين ٿيون. ڀينڊين ۾ لحميات، نشاستو حياتين، معدني جزا ۽ تاندورا موجود هوندا آهن. جيڪي انساني صحت لاءِ ضروري سمجها وڃن ٿا .خوراڪي لحاظ کان ڀينڊين کي دوا طور معدي جي السر لاءِ پڻ استعمال ڪجي ٿو. ڦقڙن جي ساڙ شوگر ۽ گلي جي خراش لاءِ استعمال ڪجي ٿو. ڀينڊين جي ميوي ۾ اڌ کان وڌيڪ حصو ڳرنڊڙ فائبر، لڳدار گم موجود آهي جيڪو ڪولسترول کي گهٽائي ٿو. هن جي ٻي اڌ حصي ۾ اڻڳرنڊڙ فائبر آنڊي کي صحت مند رکڻ ڪري ڪينسر جي خدشي کي گهٽائي ٿو. عام طور تي ڀينڊين کي گهريلو استعمال لاءِ پوکيو وڃي ٿو. هن فصل کي لڳائڻ سان ننڍي آبادگار کي سڄو سال آمدني ملندي رهي ٿي.



عام طرح سان ڀينڊين کي فيبروري کان مارچ ۽ جون کان جولاءِ ۾ پوکيو وڃي ٿو. پر ڀينڊين جي اڳاٽي پوک لاءِ ڀينڊين کي 15 جنوري کان پوکجي ٿو. جيڪي مارڪيٽ ۾ مارچ جي پهرين هفتي ۾اچي وڃڻ ڪري مهانگي اگهه ۾ وڪامن ٿيون. ڀينڊين جي اڳاٽي پوک ٽنڊي، حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر جي نهري علائقن ۾ ڪجي ٿي.

ڊسمبر يا جنوري ۾ جڏهن زمين ٻي ڪنهن فصل مان واندي ٿئي ته پوءِ انهي کي اونها هر ڏنا وڃن ته جيئن اها زمين اس وٺي. ڀينڊي جي پوک کان پهرين انهي زمين کي ٻه گوبل جا هر ڏئي سنوت ۾ آڻجي ۽ زمين ۾ هڪ بوري ڊي اي پي، اڌ بوري پوٽاش ۽ اڌ بوري يوريا ڏجي، پوءِ اولهه ۽ اير جي رخ ۾ ڪريا تيار ڪجن. جيڪي ٻه کان اڍائي فوٽ ويڪرا ۽ هڪ فوٽ اوچا هجن. پهرين انهن ڪرين کي پاڻي ڏجي پوءِ جڏهن ڪريا وٽ تي اچن ته پوءِ 15 جنوري کان ڀينڊين جون چونگيون لڳايو وڃن. اهو خيال رکجي ته چونگيون صرف ڪرئي جي هڪ پاسي ڏکڻ واري طرف کان لڳايون وڃن. اهي چونگيون ڪرئي جي سطح کان 6 انچ هيٺ لڳايون وڃن ته جيئن اتر پاسي کان لڳندڙ ٿڌي هوا جي اثر کان بچي سگهن.

اتر وارين هوائن کان بچاءُ لاءِ هر 20 ڪرين جي فاصلي تي ڪانين جون پٽريون ٺاهي ڏکڻ واري طرف 60 ڊگري تي جهڪايون وڃن ۽ انهن جي پاسن کان ڪمند جا ڪک پن ڏئڻ گهرجن ته جيئن سياري جي هوائن کان بچاءُ ٿئي. پاري پوڻ جي صورت ۾ فصل کي پاري پوڻ واري رات پاڻي ڏجي يا وري ڪک ڪانن يا ڇيٽن جو دونهون ڪجي، ائين ڪرڻ سان پاري کان بچاءُ ٿي وڃي ٿو جيئن ته هن وقت جديد ٽيڪنالاجي جو دور آهي. آبادگار پلاسٽڪ جا ٽنل تيار ڪري انهي اندر پڻ ڪرين تي ڀينڊيون پوکي سگهن ٿا. ٽنل اندر ڪرين جي ٻنهي پاسي ڀينڊين کي پوکي سگهجي ٿو. ڀينڊين جي اڳاٽي پوک شفاف پلاسٽڪ ملچ اندر پڻ ڪري سگهجي ٿي. پر اها پوک ناڙي وسيلي پڻ ڪري سگهجي ٿي. انهي ڪم لاءِ زمين جي تياري کان پوءِ زمين کي پاڻي ڏجي. انهي کان پوءِ وٽ اچڻ تي روٽاويٽر هلائي زمين کي ڀربرو ڪجي ۽ پوءِ هڪ فوٽ جي فاصلي تي ڀينڊين جي ناڙي ڪجي. پر انهي کان پهرين ٻج کي 12 ڪلاڪ پسائي پوءِ ناڙي ڪرڻ سان ٻج جو ڦوٽهڙو سنو ٿئي ٿو ۽ پوءِ جلد ئي انهن ناڙي ڪيل قطارن مٿان شفاف پلاسٽڪ جي شيٽ وڇائجي. پلاسٽڪ وڇائڻ سان زمين اندر گرمي جو درجو وڌي ٿو ۽ زمين اندر پوسل وڌيڪ عرصي تائين محفوظ رهي ٿي ۽ ڀينڊين کي گهٽ پاڻي جي گهرج پوي ٿي. پوءِ جڏهن ٻوٽا ٻه کان ٽي انچ جا ٿين ٿا ته پوءِ ٻوٽن واري جاءِ کان پلاسٽ کي ڪنهن چاڪو سان ڪوليو وڃي ته جيئن ٻوٽا ٻاهر ظاهر ٿي بيهن. اڳاٽي پوک وارن سمورن طريقن ۾ پاڻي گهرج موجب ڏجي ۽ جيڪڏهن ڪنهن جيت وغيره جو حملو نظر اچي ته ڪنهن ماهر کي ڏيکاري انهي جو تدارڪ ڪجي.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، لاڙڪاڻو ۽ خيرپور جي
زرعي پروگرامن ۾ شرڪت ڪندڙ آبادگارن لاءِ

## خاص پيغام

ريڊيو پروگرامن ۾ شرڪت ڪندڙ آبادگار ڀائرو اوهان لاءِ هڪڙو خاص سلسلو شروع ڪري رهيا آهيون. ان ۾ حصو وٺڻ لاءِ اوهان کي صلاح ٿي ڏجي ته اوهين پنهنجي فصلن سان لاڳاپيل هڪڙو اهم سوال لکي اسان جي هيٺين ايڊريس تي ڏياري موڪليو. اسين اوهان جي سوالن جا جواب تنهين اسٽيشنز تان پنهنجي زرعي پروگرامن ۾ نشر ڪنداسين. ان سان گڏ سوال موڪليندڙ آبادگارن مان هر مهيني هر اسٽيشن لاءِ پنج پنج اهم سوال چونڊيا ويندا ۽ انهن آبادگارن کي ماهوار سنڌ زراعت رسالو انعام طور سندن ايڊريس تي پوسٽ ذريعي موڪليو ويندو.

سوال موڪلڻ لاءِ پتو:

**ڊائريڪٽر زرعي اطلاعات، زرعي توسيع سنڌ**
**بلاڪ-ايف شهباز بلڊنگ حيدرآباد**
**فون: 03111646111**

# ڊي اي پي (DAP) ڀاڻ ۽ ان جي سڃاڻپ

محمد علي خاصخيلي

هن وقت يوريا کان پوءِ ٻيو نمبر استعمال ٿيندڙ ڀاڻ ڊي اي پي آهي. هر هاري ان کي استعمال ڪري ٿو. ان ۾ 18 سيڪڙو نائيٽروجن ۽ 46 سيڪڙو فاسفورس شامل آهن. هي ڀاڻ ٻوٽي جي پاڙن جي واڌ، ڏانڊي يا ٿڙ کي طاقت، گلن جي نهڻ، ٻج ۽ ميوي کي صحتمند بنائي ٿو. ساڳئي وقت، اهو ٻوٽن ۾ جيتن ۽ بيمارين خلاف قوت مدافعت پيدا ڪري ٿو. جيئن توهان کي خبر آهي ته فاسفورس جو صرف 30 سيڪڙو ٻوٽن کي ملي سگهندو آهي ۽ باقي فاسفورس زمين ۾ موجود ڪيلشيم سان ملي ڪري فڪس ٿيو وڃي جيڪو بعد ۾ فاسفورس ڳاريندڙ بيڪٽيريا وسيلي آهستي آهستي ڳري ٻوٽن کي مهيا ٿئي ٿو جنهن جي بروقت دستيابي نه هجڻ ڪري پيداوار متاثر ٿئي ٿي- پر ڇا اوهان کي خبر آهي ته جيڪي ٻوٽا فاسفورس حاصل ڪندا آهن انهن مان 30 سيڪڙو ٻه اسان جي درست طريقي سان ڀاڻ نه ڏيڻ ڪري ضايع ٿي ويندو آهن. ڪيترائي هاري فصل پوکي بعد ۾ مٿان ڊي اي پي جو ڇٽو ڪندا آهن. يا وري گل ٻاٽي، ميوو يا اناج نهڻ مهل ڏيندا آهن- سائنسي تحقيق مطابق هي طريقو درست نه آهي، پر ڪيترن ئي هارين جو چوڻ آهي ته ائين ڪرڻ سان فصل سٺو ٿيندو آهي. پر سوچيو، جيڪڏهن صحيح طريقو اختيار ڪيو وڃي، ته ان کان ٻه بهتر پيداوار حاصل ڪري سگهجي ٿي. ٿئي ائين ٿو ته ڊي اي پي ۾ موجود 18 سيڪڙو نائٽروجن جيڪو امونيم جي صورت ۾ هوندو آهي، فوري طور تي نائيٽريٽ ۾ تبديل ٿي ويندو آهي ۽ ٻوٽن کي اها ترت ملي وڃي ٿي ۽ اها نه هجڻ برابر ضايع ٿئي ٿي. ان ڪري وقتي طور ٻوٽو چڱي واڌ ڪري ٿو. پر فاسفورس زمين جي مٿاڇري تي رهجي وڃي ٿو ۽ جيڪا 30 سيڪڙو فاسفورس ٻوٽن کي ملڻي هئي، اها نه ملي سگهندي آهي. ان جو سبب اهو آهي ته ڊي اي پي ڀاڻ جو فاسفورس ٻوٽن تائين صرف پاڙن ذريعي پهچي ٿو. ۽ ڇاڪاڻ ته پاڙون زمين ۾ تمام گهٽيون ۽ زمين جي سطح کا هيٺ هونديون آهن، ته اهي سطح تي پيل فاسفورس جذب نٿيون ڪري سگهن ۽ اهڙيءَ طرح ڊي اي پي جا داڻا زمين تي سفيد پائوڊر وانگر رهجي وڃن ٿا. ان ڪري ڊي اي پي کي ڊرل يا ڇٽ ذريعي زمين جي تياري مهل ڏيڻ گهرجي. ته جيئن فاسفورس ۽ نائٽروجن ٻئي پاڙن تائين پهچي سگهن. ان کان علاوه ڊي اي پي کي پاڙن تائين پهچائڻ ۽ ان مان ڀرپور فائدو وٺڻ جو اهو ٻه طريقو آهي ته ان کي پوکيءَ وقت يا لاڳاٽي وقت ڊرم ۾ ٻه ڪلو تيزاب سان ڳاري ڏجي. ائين ڪرڻ سان ڳريل ڊي اي پي آسانيءَ سان ٻوٽي جي پاڙن تائين پهچي سگهندو. ٻيو طريقو اسپري ڪرڻ آهي، جيتوڻيڪ اهو ٻوٽن تي سٺو اثر رکي ٿو. پر اهو ٻوٽن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاء ڪافي نه آهي. اچو ته هاڻي ڏسون ته ڊي اي پي ڀاڻ ڪيئن ڪم ڪري ٿو. ڊي اي پي ڀاڻ جي ڪار پد 9-8.5 (ph) آهي. ۽ جڏهن ان جو ڇٽو ڪيو وڃي ٿو ته اها زمين جي پي ايچ کي پنهنجي خاصيت جي ڪري وقتي طور ۽ معمولي وڌائي ٿي، پر ڊي اي پي جي امونيا جي ڪري، جيڪا نائٽريٽ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي، زمين جي پي ايچ ٻيهر عارضي طور تي گهٽجي وڃي ٿي، يعني تيزابي ٻڻجي وڃي ٿي. ۽ اهو عمل يقيني ٻڻائي ٿي ته فاسفورس پاڙ تائين پهچي ٿو. ڇاڪاڻ ته فاسفورس صرف گهٽ پي ايچ ۾ ٻوٽن ۾ ملي سگهي ٿو .جڏهن ته، اسان جي زمين جي پي ايچ وڌيڪ هجڻ ڪري، اهو عمل مڪمل نه ٿيندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح فاسفورس مڪمل طور ملي نه سگهندو آهي. جيتوڻيڪ اسان ڊي اي پي کي ترجيح ڏيون ٿا، پر اها حقيقت آهي ته اسان پنهنجي زمينن جي بناوت ڪري ان مان پورو پورو فائدو نه وٺي سگهيا آهيون. ۽ پئسي جي نقصان سان گڏوگڏ فصل مان ڀرپور پيداورا نه ڪٽي سگهندا آهيون. ان لاءِ ضروري آهي ته تيزابي اثر وارا فاسفورس ڀاڻ ڏيون. اچو ته اصل ۽ نقل ڊي اي پي جي سڃاڻپ ڪريون. اصلي ڊي اي پي جي سڀ کان وڏي نشاني اها هوندي ته جيڪڏهن توهان ان کي خالي ٿانوَ ۾ گرم ڪندا ۽ جڏهن توهان ڊي اي پي جا داڻا ٿانوَ ۾ وجهندا ته اهي ڦهرين ڦوڪجڻ ۽ پوءِ ڳرڻ شروع ٿيندا. جڏهن ته نقلي ڊي اي پي ڀاڻ جيڪو صرف پٿر آهي، ان تي ڪوبه اثر نه پوندو. ٻي وڏي نشاني اها آهي ته توهان ڊي اي پي پاٽيءَ ۾ وجهي ان کي اس ۾ ٻه ڏينهن اسٽيل جي ٿانوَ ۾ رکو. ٻن ڏينهن کان پوءِ توهان پاٽيءَ کي الڳ ڪري ڊي اي پي جي داڻن کي ڏسندا، ته اهي سابو داڻي وانگر اڇا ۽ ڦوڪيل هوندا، ۽ جڏهن انهن کي هٿ سان مهٽبو ته اهي اٽي وانگر ڳوهجي ويندا .ساڳيءَ طرح اصلي ۽ نقلي ڊي اي پي ۾ فرق ڪرڻ لاءِ چن ۽ پاٽيءَ جو پيسٽ ٺاهي پوءِ ان پيسٽ کي ڊي اي پي جي ڪجهه داڻن ۾ چڱيءَ طرح ملايو ۽ پوءِ جيڪڏهن اُن مان اڻ وڻندڙ بوءِ اچي ته اها اصل ڊي اي پي جي نشاني آهي ۽ نقل ڊي اي پي مان ڪڏهن به اهڙي بوءِ نه ايندي. ڇو ته چن امونيا سان گڏ هڪ گيس پيدا ڪندو آهي جنهن جي بوءِ سخت ناپسنديده هوندي آهي . اهي سيئي طريقا وقتي تسلي خاطر ذڪر ڪيا ويا آهن ۽ جيڪڏهن توهان محسوس ڪيو ته ڊي اي پي مٿي ذڪر ڪيل طريقن سان نقل آهي، ته پوءِ هڪ ڀيرو تصديق خاطر ليبارٽري مان ضرور چڪاس ڪرايو. ڪو به زهر، ٻج يا ڀاڻ خريد ڪرڻ مهل ڊيلر جي دڪان تان ان جي رسيد وٺڻ ياد رکو. ته جيئن توهان وٽ ڪا به دعوي ڪرڻ وقت ثبوت طور موجود هجي.

# انبن ۾ ٽيندڙ ڪرپور ۽ ان جو تدارڪ

محمد علي خاصخيلي

پاڪستان ۾ انب کي ميون جو بادشاهه چيو ويجي ٿو. اهو پنهنجي غذائيت جي لحاظ کان ميون ۾ هڪ اهم مقام رکي ٿو. گرم ۽ گهميل آبهوا انبن جي واڌ ويجهه ۽ بهتر پيداوار لاءِ تمام گهڻي سازگار آهي. ان ڪري پاڪستان جا اڪثر علائقا خاص ڪري ڏکڻ پنجاب ۽ سنڌ انبن جي پوک لاءِ انتهائي موزون سمجهيا وڃن ٿا. پاڪستان ۾ جيتوٽيڪ وقت گذرڻ سان گڏ انبن جي پوکيءَ هيٺ ايراضيءَ ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيو آهي. ۽ پيداوار جي لحاظ کان ڇهرين نمبر تي آهي، پر في ايڪڙ پيداوار ۾ ڪو خاص اضافو نه ٿيو آهي. ان جا سبب آهن: انب ۾ ڪر پور جو ٽيڻ، انبن جو ڇاڻو يي موسمي يا قبل از وقت ڦوٽهڙو، مختلف سينور وارين بيمارين وغيره .انهن مان، انبن جو ڪر پور ۾ يي ترتيب اڻ منداڻتو ميوو به وڏا اهم سبب آهن. جنهن جو حتمي سبب اڃا تائين معلوم نه ٿي سگهيو آهي. ڪن ماهرن موجب ان جو سبب وائرس، فنگس ۽ غذائي جزن خاص ڪري نائٽروجن ۽ ڪاربان جي غلط تناسب جي ڪري ٿئي ٿو انب ۾ ڪر پور جا به قسم آهن.

۱ - نباتاتي ڪر پور جنهن کان نرسري ۾ ڪڳل ٻوٽا متاثر ٿين ٿا، پر اهو عام طرح نظر نٿو اچي، يا ان تي توجه نٿي ڏني وڃي. ان مرض ۾ ٻوٽن جا پن نوڪيلا ۽ سائيز ۾ ننڍا رهجي وڃن ٿا .ٻوٽن جي واڌ ويجهه روڪجي وڃي ٿي. ان کان علاوه جن ٻوٽن ۾ اهو مرض ٿئي ٿو انهن ۾ ڪر پور پاڻمرادو شروع ٿي ويندو آهي- جيڪڏهن اهو 3 کان 4 مهينا پراڻي نرسري جي ٻوٽن تي حملو ڪري ٿو ته متاثر ٽيل شاخون ڪجهه مهينن اندر سُڪي وينديون آهن- ان مرض ۾ وڻن ۾ ڪر پور عام پور کان وڏا ٿين ٿا ۽ متاثر شاخن تي عام شاخن کان 3 ڀيرا وڌيڪ پور لڳي ٿو. ۽ انهن ۾ نر گلن جو وڌو تعداد ٿئي ٿو. متاثر ٽيل ڳچو سائي رنگ مان ڪارا ۽ سخت ٿين ٿا. ڪجهه ماهرن جي مطابق هن بيماري جو هڪ کان وڌيڪ سبب آهن. باغ ۾ بيماريءَ واري جڳهه تي نرسري لڳائڻ سان اهو مرض وڌي ويندو آهي. وائرس، فنگس ۽ مائٽس (جون) ان بيماري کي پکيڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. مائيٽس جي حملي بعد ، وائرس ۽ فنگس انهن زخمن ذريعي ٻوٽي ۾ داخل ٿين ٿا ۽ بيماريءَ جي پکڙجڻ جو سبب بنجن ٿا- ان بيماريءَ جي پکڙجڻ کان روڪڻ لاءِ عام طور روايتي طريقا اختيار ڪيا وڃن ٿا، مثال طور ڪرپور وارين شاخن کي 6 کان 8 انچ پوئتي ڪٽيو ۽ ڪٽڻ کان پوءِ فوري طور تي فنجيسائيڊ جگ پيسٽ لڳائجي يا اسپري ڪجي ۽ ڪٽيل حصو باغ مان ڪڍي ان کي ساڙجي. آڪٽوبر جي ڇهرين هفتي ۾ 100 کان 200 پي پي ايم NAA (نفٿلين ايسٽڪ ايسڊ) ۽ ڪوبالٽ سلفيٽ 1000 پي پي ايم اسپري ڪجي ۽ فيبروري ۾ جڏهن نوان ڳوڙنچ نڪرن ان وقت 500 پي پي ايم ايٽرل اسپري ڪجي. فنگس کي روڪيندڙ زهرن جهڙوڪ ٿايوفينيٽ ميٿائيل 2 گرام في ليٽر پاڻي ۾ ملائي جولاءِ ۾ اسپري ڪرڻ سان به بيماري تي ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو.

وڌيڪ معلومات ۽ مشورن لاءِ ويجهي زرعي توسيعي عملي سان رابطو ڪريو يا آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد جي آبادگار هيلپ لائين 03111646111 تي آفيس جي وقت تي زرعي ماهرن سان رابطو ڪريو.

# چانهين / هنداڻي جي پوڪ



**آبهوا:** هيءَ فصل خريف جي مکيه فصلن مان آهي، تنهنڪري هن فصل کي گرم ۽ خشڪ آبهوا جي ضرورت پوي ٿي، سخت سردي يا پارو هيءُ فصل برداشت نه ڪري سگهندو آهي.

**پوکيءَ جو وقت:** سنڌ ۾ هنداڻن جي وڏي پيماني تي پوک يا ته ڪچي وارين ايراضين ۾ ٿئي ٿي، جتي ٻوڏن جي پاڻي خشڪ ٿيڻ کان پوءِ ڊسمبر ۽ جنوري مهينن ۾ هيءُ فصل پوکيو ويجي ٿو. ٿر ۽ ڪوهستان ۾ برساتن کان پوءِ هن فصل جي پوک ڪئي ويجي ٿي. ڪچي وارن علائقن ۾ پوکيل فصل فيبروريءَ جي آخر ڏاري يا مارچ جي شروعات ۾ مارڪيٽ ۾ اچي ويندو آهي. هيءَ فصل بوسي پچندو آهي، تنهنڪري هن ۾ ميناس گهڻو ٿئي ٿو ڪچي واري فصل کي سرد هوائن کان بچائڻ لاءِ سَرن يا لَون جي ڪائين جي مدد سان ڍڪيو ويندو آهي. سنڌ جي نهري علائقن ۾ چانهين جا به فصل حاصل ڪيا ويندا آهن. هڪڙو فصل فيبروري-مارچ ۾ ۽ ٻيو فصل جون جولاءِ ۾ پوکيو ويندو آهي.

**زمين جي چونڊ ۽ تياري:** هن فصل لاءِ وارياسي لٽاسي زمين يا واريا سي زمين وارو هنڌ موزون هوندو آهي. سم ۽ ڪلر واري زمين ۾ هن فصل جي پوک ڪامياب نه ٿي ٿئي. زمين کي ڳنر هر سان ڇهريون هر ڏيئي پٽر پيچجن. زمين ۾ ڳريل ۽ سڙيل وٿاڻ جي ڀاڻ جون 50 کان 40 گاڏيون في ايڪڙ جي حساب سان وجهي ڪيڙ ذريعي ملائڻ گهرجن. هن فصل جي پوک ڪِرن تي ۽ ڪِرن کان سواءِ به ڪئي ويجي ٿي، پر ڪرن تي هنن جو بهتر فصل پيدا ٿئي ٿو.

**پوکڻ جو طريقو ۽ ٻج جو مقدار:** ڇهن کان اٺن فوٽن جي مفاصلي تي ڪرا ناهي، زمين کي ريج جو پاڻي ڏجي، پاڻي زمين کي وڌيڪ ڏجي ته جيئن زمين پاڻي جذب ڪري وٺي، چاڪاڻ ته اهو ئي جذب ٿيل پاڻي ٻوٽا استعمال ڪن ٿا.

ڊي اي پي ڀاڻ جي هڪ ٻوري، فصل پوکڻ کان اڳ وجهي پوءِ ڪرا ناهجن. پوکڻ کان اڳ ٻج کي ڇهه کان اٺ ڪلاڪ ڇيٽي جي رس ۾ پسائي پوءِ پوکڻ گهرجي. ٻج صرف آڳاتي فصل ۽ ڪچي واري زمين ۾ پوکڻ لاءِ پسائڻ گهرجي. هڪ جاءِ تي به کان ٽي داڻا ٻج جا پوکجن. جڏهن ٻج جمي بس ڪري ۽ ٻوٽا ٽن کان چئن انچن جا ٿين ته هڪ جاءِ تي صرف هڪ تندرست ٻوٽو ڇڏجي. في ايڪڙ تي ٻج ٻن کان اڍائي ڪلوگرام استعمال ڪجي. چانهين جون سفارش ڪيل جنسون ديسي ۽ ولائتي آهن. جن ۾ ولائتي جنس ۽ شوگر ٻيبي قابل ذڪر آهن.

**پاڻي، ڀاڻ ۽ گُڏ:** هن فصل کي پاڻيءَ جي ضرورت گهٽ پوي ٿي. هن کي پاڻي گل باٽيءَ مهل ڏجي. جيڪڏهن ريج گهٽ هجي ته پوءِ فصل کي ڇهرين پاڻي فصل پوکڻ کانپوءِ هڪ مهيني جي اندر ڏجي ۽ ٻيو پاڻي گل باٽي جهلڻ مهل ڏجي. گل باٽي جهلڻ مهل فصل مان ڳُڏ ڪيدي هڪ يا ٽا ٻوري يوريا ڀاڻ جي ڏيئي پوءِ پاڻي ڏجي. ان کان اڳ جيڪڏهن فصل ۾ ڳندگاهه جا ٻوٽا هجن ته انهن کي ڪيدي ڇڏڻ گهرجي.

**پيداوار:** چانهين جي في ايڪڙ پيداوار 150 کان 200 مڻ لهي ٿي.

# اينڊڙ پن ڪان ٽن مهينن ۾ پاڇين جي پوکي

غلام سرور ڪيريو پرنسيپل سائنٽسٽ / ڊائريڪٽر هارٽيڪلچر ريسرچ ۽ محمد رمضان آرائين سينيئر سائنٽفڪ آفيسر هارٽيڪلچر ريسرچ سينٽر ميرپورخاص

سائنسدان پاڇين کي مختلف حوالن سان درجن ۾ قسمن ۾ ورهايو آهي. پاڇيون پوکڻ کان اڳ ۾ اهو ضروري آهي ته زميندار يا هاري کي انهن درجن يا قسمن جي متعلق واقفيت هجي ته جيئن پاڇين جي پوک جي علم کي سمجهڻ ۾ انهيءَ تي عمل ڪرڻ ۾ ڪابه مشڪل پيش نه اچي. حقيقت اها آهي ته پاڇين جي ڪامياب پوک ۽ سٺي پيداوار وٺڻ لاءِ اهو نهايت ضروري آهي ته پاڇين کي بلڪل صحيح گهربل موسم ۾ پوکيو وڃي ۽ آبهوا ۽ علائقي جي مناسبت سان جنسن جي چونڊ ڪئي وڃي.

## اينڊڙ پن ٽن مهينن دوران پاڇين جي پوکيءَ متعلق معلومات هيٺ ڏجي ٿي

| نمبر | پاڇي جو نالو | بيجارو پوکڻ جو وقت | پوکڻ جو وقت | ٻج جو مقدار في ايڪڙ | پوکي جو طريقو: قطارن جو مفاصلو | پوکي جو طريقو: ٻوٽن جو مفاصلو |
|---|---|---|---|---|---|---|
| .1 | مرچ | جنوري، فيبروري آگسٽ | مارچ - سيپٽمبر | 250 کان 300 گرام | 75-90 سينٽي ميٽر | 45 سينٽي ميٽر |
| .2 | واڱڻ | فيبروري - جولائي | مارچ - آگسٽ | 40 کان 50 گرام | 75 سينٽي ميٽر | 60 سينٽي ميٽر |
| .3 | گوبي | - | مئي - جولائي | 300 کان 1000 گرام | 75 سينٽي ميٽر | 45 کان 60 سينٽي ميٽر |
| .4 | گوار | - | فيبروري | 2 کان اڍائي ڪلوگرام | 60 کان 75 سينٽي ميٽر | 20 کان 30 سينٽي ميٽر |
| .5 | ڀينڊي | - | فيبروري - مارچ جولائي - آگسٽ | 10 کان 12 ڪلوگرام | 40کان 50 سينٽي ميٽر | 10 کان 15 سينٽي ميٽر |
| .6 | ڪريلو | - | مارچ | 2 کان 2.5 ڪلوگرام | 120 کان 150 سينٽي ميٽر | 45 کان 60 سينٽي ميٽر |

| نمبر | پاڇي جو نالو | ڀاڻ جو استعمال ڪلوگرام في ايڪڙ: سال جو ڀاڻ ٽن في ايڪڙ | نائٽروجن ڪلوگرام | فاسفورس ڪلوگرام | پوٽاش ڪلوگرام | پاڻي ڏيڻ جو وقفو - ڏينهن | تيار ٿيڻ جو وقت | جنسون | پيداوار ٽن في ايڪڙ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .1 | مرچ | 10 ٽن | 50 | 23 | 24 | 07 ڏينهن | جون - جولائي نومبر - ڊسمبر | لونگي، صنم، تلهاري، شمله، گهوٽڪي | 15-1 |
| .2 | واڱڻ | 10 ٽن | 46 | 23 | 24 | 07 ڏينهن | مئي - آڪٽوبر | بليڪ بيوٽي، نرالا، سرهندي، نيلم | 12-10 |
| .3 | گوبي | 15 ٽن | 46 | 60-50 | 24 | 07 ڏينهن | آگسٽ - سيپٽمبر | چائنا موتي، وائٽ بال | 15-12 |
| .4 | گوار | 12-10 ٽن | 80 -70 | 23 | 50 -40 | 07 ڏينهن | اپريل - مئي | ڪاڇڻ ڪنڊو ديسي | 6-5 ٽن |
| .5 | ڀينڊي | 20 ٽن | 50-46 | 23 | 24 | 07 ڏينهن | اپريل - مئي - سيپٽمبر - آڪٽوبر | پوساگرين، بيمثال، شاهين، سبزپري | 8-7 |
| .6 | ڪريلو | 12-10 ٽن | 46 | 23 | 24 | 07 ڏينهن | مئي - آگسٽ | لوڪل بنارسي | 10-8 |

| نمبر | ڀاڃي جو نالو | پوکڻ جو وقت | ٻج جو مقدار في ايڪڙ | پوکي جو طريقو | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | | قطارن جو مفاصلو | ٻوٽن جو مفاصلو |
| .1 | توري ڪاري- گيھا | مارچ کان جون | 2 ڪلوگرام | 130-120 سينٽي ميٽر | 70-50 سينٽي ميٽر |
| .2 | چؤنرا<br>1. ٻوٽو<br>2. ول | 1. فيبروري<br>2. جون | 12-10 ڪلوگرام | 60-50 سينٽي ميٽر<br>120-90 سينٽي ميٽر | 50-40 سينٽي ميٽر<br>75-50 سينٽي ميٽر |
| .3 | ونگو | فيبروري-مارچ | 1 کان 1-15 ڪلوگرام | 75-60 سينٽي ميٽر | 60-45 سينٽي ميٽر |
| .4 | اروي | فيبروري مارچ | 1100-1000 ڪلوگرام | 90-75 سينٽي ميٽر | 30 سينٽي ميٽر |
| .5 | پودينو | فيبروري-مارچ | 50000-40000 ڪٽنگ | 30 سينٽي ميٽر | 15 سينٽي ميٽر |
| .6 | گدرو | فيبروري-مارچ | 2.5-2.0 | 150-120 سينٽي ميٽر | 75-60 سينٽي ميٽر |
| .7 | چانھين | فيبروري-مارچ | 2.5-2.0 | 150-120 سينٽي ميٽر | 75-60 سينٽي ميٽر |

| نمبر | ڀاڃي جو نالو | ڀاڻن جو استعمال ڪلوگرام في ايڪڙ | | | | پاڻي ڏيڻ جو وقفو-ڏينھن | تيار ٿيڻ جو وقت | جنسون | پيداوار ٽن في ايڪڙ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | سال جو ڀاڻ ٽن في ايڪڙ | نائٽروجن ڪلوگرام | فاسفورس ڪلوگرام | پوٽاش ڪلوگرام | | | | |
| .1 | توري ڪاري- گيھا | 12-10 | 46 | 23 | 24 | 07 ڏينھن | مئي آگسٽ | ڪاري, گيھا<br>ميرپور-1 | 12-10 |
| .2 | چؤنرا<br>1. ٻوٽو<br>2. ول | 12-10 | 46 | 23 | 24 | 07 ڏينھن | مارچ –اپريل<br>جولائي-<br>آگسٽ | 411-82<br>ايم-95 | 6-4 |
| .3 | ونگو | 12-10 | 46 | 23 | 24 | 07 ڏينھن | اپريل – مئي | F-1, F-7 | 8-6 |
| .4 | اروي | 20-15 | 46 | 23 | 24 | 07 ڏينھن | سيپٽمبر-<br>آڪٽوبر | لوڪل سليڪشن | 7-6 |
| .5 | ڦودنو | 20-15 | 86 | 46 | 48 | 07 ڏينھن | اپريل-مئي | لوڪل سليڪشن<br>بيضوي | 7-6<br>ڪٽنگ<br>6-4 |
| .6 | گدرو | 12-10 ٽن | 46 | 23 | 24 | 07 ڏينھن | مئي – جون | T-96, راوي,<br>گولڊن, چيچ وٽني,<br>NV-310 | 8-10 |
| .7 | چانھين | 12-10 | 46 | 23 | 24 | 07 ڏينھن | جون-جولائي | T-14, شوگري بي<br>چارٽن | 12-10 |

# دالين وارن فصلن جا جيت

فهيم قريشي، سينيئر انسٽرڪٽر، ايگريڪلچر ٽريننگ انسٽيٽيوٽ سڪرنڊ

ربيع جي موسم ۾ دالين جي فصل جهڙوڪ: چڻا، متر ۽ مهري کي سنڌن واڌ جي مختلف مرحلن ۾ ڪيترائي جيت حملو ڪن ٿا، جنهن جي ڪري في ايڪڙ پيداوار کي نقصان رسي ٿو انهن ۾ پاڙ ڪٽيندڙ ڪينئون (Cut worm) ۽ قوتي وارو ڪينئون چڻن جي فصل کي ۽ مهلو مترن جي فصل کي شديد نقصان پهچائيندو آهي. جنهن سان پيداوار متاثر ٿيو وڃي. انهن جيتن کي سڃاڻي بروقت تدارڪ ڪرڻ سان پيداواري صلاحيت وڌيڪ ڪري سگهجي ٿي.

چڻن جو فصل خاص ڪري پاڙ ڪپيندڙ ڪينئين ۽ قوتي واري ڪينئين جو شڪار ٿئي ٿو پر سارياڻي علائقي ۾ وري قوتي واري ڪينئين جو نقصان وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

**1. چڻن جو پاڙ ڪُترڻ وارو ڪينئون:** هي ڪينئون هلڪي ناسي رنگ جو ٿيندو آهي. رات جي وقت فصل کي نقصان رسائي ٿو ۽ ننڍڙن ٻوٽن کي ٿڙ وٽان ڪٽي ڇڏي ٿو جيترو ڪائي ٿو ان کان وڌيڪ ٻوٽا ڪٽي خراب ڪري ڇڏي ٿو جنهن ڪري شديد نقصان ٿئي ٿو. هڪ اندازي مطابق هن ڪينئين جي زندگي جو مرحلو 5 کان 6 هفتا آهي تنهن کان پوءِ سوبٽ واري حالت ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. ٻن کان ٽن هفتن بعد پتنگ ٻڄجي ٻاهر ۽ هن جي مادي عام حالتن ۾ 1000 آنا ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿي.

**حملي جو وقت:** ٻوٽي جو شروعاتي واڌ وارو مرحلو.

**نقصان جي سڃاڻپ:** ٻوٽن جي پاڙ يا زمين جي مٿاڇري تان ٻوٽي جو ڪپجڻ.

**قوهاري جو وقت:** ٻوٽن نڪرڻ بعد جڏهن حملو نظر اچي ۽ ٻوٽا ڪپجڻ لڳن.

**2. چڻن جي قوتي وارو ڪينئون:** هي ڪينئان هلڪي ناسي رنگ جا ٿين ٿا ۽ پوءِ وري سائي رنگ ۾ بدلجي وڃن ٿا اٽڪل 5 کان 6 هفتا ڪينئين واري حالت ۾ رهن ٿا جنهن ڪانپوءِ سوبٽ واري مرحلي ۾ اچن ٿا. جنهن بعد 2 کان 3 هفتن اندر پتنگ ٻڄجي نڪرن ٿا. مادي پتنگ 300 کان 500 آنا لاهي ٿي جنهن مان وري اٽڪل ڏيڍ يا ٻن هفتن اندر ڪينئان ڦٽيو نڪرن.

**حملي جو وقت:** هن جيت جو حملو ٻوٽن تي پوکي جي مهيني بعد شروع ٿئي ٿو شروعات ۾ گلن نڪرڻ کان اڳ پنن جون پنڪڙيون ۽ گونچ کائي ٿو خاص ڪري قوتي نهڻ واري وقت شديد حملو ڏنو ويو آهي.

**حملي جي سڃاڻپ:** پنن ۽ گوڙنچن جو کاجي وڃڻ ۽ قوتي مان نهندڙيج کائي ڇڏڻ.

**قوهاري جو وقت:** زرعي ڪارڪن جي مشوري سان پهريون قوهارو شروعاتي قوتن نهڻ وقت ۽ ٻيو 10 کان 15 ڏينهن بعد ڪجي.

**3. متر جو مهلو:** مترن جي فصل کي مهلي سبب ڪافي نقصان ٿئي ٿو حملي سبب مترن جي ڦرين نهڻ واري صلاحيت ختم ٿيو وڃي ٿي چاڪاڻ تہ هي جيت گهڻي تعداد ۾ ٻوٽن تي ويهي رس چوسين ٿا ۽ ڪنئور جهڙو مادو خارج ڪن ٿا، ان سبب ڪري ٻوٽن تي سينور لڳيو وڃي ۽ ڪارا ٿيو وڃن. هي جيت مترن جي فصل تي عام طرح گل ٻاٽي اچڻ کان اڳ ۽ پوءِ حملو ڪن ٿا پَر شديد حملو ڪنهن بہ وقت ڪري سگهن ٿا.

**حملي جو وقت:** گل ٻاٽي کان اڳ يا پوءِ.

**حملي جي سڃاڻپ:** ٻوٽن جو ڪمزور ٿيڻ يا سڙڻ يا پيلا نظر اچڻ.

**قوهاري جو وقت:** جڏهن حملو نظر اچي تہ زرعي ڪارڪن جي مشوري سان قوهارو ڪجي.

**4. مهري تي ڦري وارو ڪينئون:** چڻن جي قوتي وارو ڪينئون مهري جي فصل تي پڻ ڦرين نهڻ واري وقت حملو ڪري ٿو.

**حملي جو وقت:** ڦرين نهڻ وقت جڏهن حملو نظر اچي تہ زرعي ڪارڪن جي مشوري سان قوهارو ڪجي.

## فصلن لاءِ پاڻي جي گهرج

اها هڪ حقيقت آهي تہ فصلن کي ضرورت وقت صحيح مرحلي تي پاڻي نہ ملڻ ڪري في ايڪڙ پيداوار گهٽ حاصل ٿئي ٿي. انهي ڳالهہ کي نظر ۾ رکندي پيداوار وڌائڻ خاطر فصل کي گهرج مطابق صحيح مرحلي تي پاڻي ڏيڻ گهرجي. اهو سمجهڻ بہ غلط آهي تہ وڌيڪ يا تڪڙو پاڻي فصل کي فائدو ڏيندو. وڌيڪ پاڻي ڏيڻ سان سم ۽ ڪلر پيدا ٿئي ٿو ۽ پاڻي جو زيان ٿئي ٿو. جڏهن تہ هر فصل ۽ هر زمين جي پاڻي جذب ڪرڻ جي صلاحيت جدا جدا آهي جيئن وارياسي زمين، لٽاسي ۽ چيڪي يا پڪي زمين کان گهٽ پاڻي زخيرو ڪري ٿي تنهن ڪري واريااسي زمين کي جلدي تڪڙا پاڻي ڏجن پر چيڪي زمين جيئن تہ پاڻي گهڻو جمع ڪري ٿي ان ڪري پاڻي ڏيڻ جو وقت وڌيڪ رکي سگهجي ٿو.

پاڻي جي بچاءَ ۽ فصل جي پيدوار وڌائڻ لاءِ لازمي اهي تہ فصلن جي پاڻيءَ جون حقيقي ضرورتون ۽ ڪپت بابت ڄاڻ هجي.

مختلف فصلن ۾ واڌ ارا مختلف مرحلا ٿين ٿا جيڪڏهن انهن مرحلن تي پاڻي نہ ڏنو ويو تہ پيداوار گهٽ لهي سگهي ٿي پر پاڻي ڏيڻ وقت فصلن کي ٻوڙي ڇڏڻ بلڪل غلط آهي.

پاڻي جا نازڪ مرحلا جيئن ڪڻڪ ۾ پاڙ هٽڻ، ٻوڙو ٻڌڻ، نسرڻ، ٻور اچڻ، داڻو ڪيرو ٿيڻ، داڻو پچڻ وقت.

ڪپهہ، شاخون ڪيڻ، گل ٻاٽي ۽ گوگڙا نهڻ وقت. ڪمند ۾ ڦوٽهڙو ٻوڙو ٻڌڻ، ڳريون ناهڻ. عام فصلن ۾ گل اچڻ، ڦريون نهڻ ۽ هر ڪٽائي بعد.

# سيتا ڦل ۾ شريفه يا ڪسٽرڊ ايپل جي پوک

(عبدالغني عارباٽي، ڊپٽي ڊائريڪٽر زرعي توسيع ڪراچي)



انگريزي ۾ ڪسٽرڊ ايپل، اردو ۾ شريفه ۽ سنڌي ۾ سيتا ڦل سڏجندڙ ميوو جو هڪ قسم آهي جيڪو ڪاٺ ۾ منو ۽ ڌاڱيدار ٿئي ٿو. سيتا ڦل جو وڻ 4 کان 7 فوٽ ڊگهو ٿئي ٿو ۽ هن جي ميوي جو وزن 125 کان 250 گرام ٿئي ٿو. هن ميوي ۾ نمڪيات، وٽامن سي، پوٽيشيم، ميگنيز ۽ فولاد مناسب مقدار ۾ ملي ٿو جيڪو صحت لاءِ فائديمند آهي. سيتا ڦل جي لاءِ گرم گهميل ۽ معتدل آبهوا مناسب آهي. هلڪي وارياسي ۽ سني نيڪال واري زمين سيتا ڦل جي باغ لاءِ بهتر آهي، سخت ۽ ڪلرائين زمين هن ميوي جي وڻ لاءِ غير مناسب آهن.

سيتا ڦل جو باغ برساتي موسم ۾ لڳائجي ته بهتر آهي. باغ جو لي آئوٽ ٽڪنڊو يا چورس رکڻ گهرجي. باغ لڳائڻ لاءِ زمين کي 2 يا 3 هر ڏيڻ بعد زمين کي هموار ڪجي ۽ چڪيون لڳائڻ لاءِ 2 فوٽ اونهو ۽ 3 فوٽ ويڪرا کڏا کوٽجن. انهن کڏن ۾ 25 ڪلوگرام وٺاڻ جو ڳريل سڙيل ڀاڻ، سنگل سپر فاسفيٽ ڀاڻ هڪ ڪلوگرام ۽ 2 ڪلو گرام سڪل نمورين جو چورو ڪڏي مان نڪتل مٽي سان ملائي کڏن کي پورجي ۽ برسات پوڻ بعد انهن کڏن ۾ سيتا ڦل جون چڪيون لڳائجن. سيتا ڦل جي باغ ۾ وڻ کان وڻ ۽ قطار کان قطار جو مفاصلو 12 فوٽ رکڻ گهرجي. باغ لڳائڻ بعد ڪمزور يا سڪل چڪين جي جڳهه تي جيترو جلد ٿي سگهي صحتمند چڪيون لڳائي گوٽ پوري ڪجي ته جيئن اڳتي هلي باغ مان مناسب پيداوار حاصل ڪري سگهجي.

چڪيون لڳائڻ بعد باغ جي صفائي جو خاص خيال رکجي، گندگاهه ۽ غير ضروري ٻوٽا ڪڍي ڇڏجن. ننڍن ٻوٽن جي ڇانگ ڪرڻ گهرجي ۽ شروع ۾ نڪرندڙ ٽارين کي ڪپي ڇڏجي ته جيئن مکيه ڏانڊي گهٽ ۾ گهٽ هڪ کان ڏيڍ فوٽ جي ٿئي.

سيتا ڦل جي باغ کي ڦڙي ڦڙي يا ڦوهاري واري طريقي سان آبپاشي ڪجي ته بهتر آهي جنهن سان پاڻي جي بچت به ٿيندي ۽ گند گاهه جي ڦوٽهڙي کي به روڪي سگهبو. مڪمل تيار ٿيل باغ يا وڏن وڻن کي ميوي ۽ گل اچڻ کان اڳ ۾ پاڻي ڏيڻ گهرجي. جيئن ئي گل اچڻ شروع ٿين ته پاڻي ڏيڻ بند ڪري ڇڏجي. ڪراچي جي آبهوا ۾ جنوري مهيني کان وٺي جون تائين پاڻي بند ڪجي ٿو ۽ جولاءِ کان وٺي ڊسمبر تائين هر 15 ڏينهن بعد يا وري برسات کي نظر ۾ رکندي سيتا ڦل جي باغ کي ضرورت مطابق پاڻي مهيا ڪيو ويندو آهي. نئون باغ 3 سالن بعد ميوو ڏيڻ شروع ڪندو آهي.

(Raised Bed Planting)

# بيڊ پلانٽر سان فصلن جي پوکي

پاڻي فصل جي هڪ اهم ترين ضرورت آهي. جڏهن ته پاڻي جي روز بروز شديد کوٽ پيداوار ۾ گهٽتائي جو سبب بڻجي رهي آهي، پوکي جي روايتي طريقي سان ٻارن سڌو پاڻي ڏيڻ سبب تقريباً 30 کان 50 سيڪڙو پاڻي زيان ٿي وڃي ٿو. جڏهن ته ٻج جو هڪ ڪروڙ بهتر ڦوٽهڙو به نٿو ٿئي، ڀاڻ به سني طريقي سان ٻوٽي کي ميسر نٿو ٿئي. اسان جي ملڪ ۾ پٽڙين تي پاڃيون ۽ فصلن جي پوکي ڊگهي عرصي کان ٿي رهي آهي. عام طور ان کي رجر سان ناهيو وڃي ٿو ۽ ان تي پاڃين ۽ ٻين فصلن جي ٻج کي هٿ سان چُنگي جي ذريعي لڳايو وڃي ٿو پر پوکي جي ان طريقي ۾ محنت، وقت، پئسي ۽ پاڻي جو زيان ٿئي ٿو. پٽڙين ۾ ڀاڻ هڪ سرو ڇٽڻ ناممڪن ٿئي ٿو ۽ ڀاڻ پٽڙين جي مٿئين حصي ۾ 2 کان 3 انچن ۾ رهي ٿو. انهيءَ ڪري ٻوٽا ڀاڻ جي موجودگي ۾ ڀرپور فائدو حاصل نٿا ڪري سگهن. وڌيڪ اهو ته ڀاڻ جو وڌيڪ حصو نالين ۾ ضايع ٿي وڃي ٿو. اهڙي طريقي سان ڀاڻ ٻج کان پري رهجي وڃي ٿو ۽ ٻوٽي جي واڌ ويجهه تي ان جو مثبت اثر نٿو ٿئي. ان پراڻي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ هڪ اهڙي مشين ايجاد ڪئي وئي آهي جنهن کي بيڊ پلانٽر چوندا آهن. هي مشين تيار ٿيل هموار بنيءَ ۾ ٽريڪٽر جي پوئيان لڳائي هلائي وڃي ٿي. هن مشين ذريع پٽرين تي ڪڻڪ، ووناڻ ۽ مڪئي جي پوکي ڪبي آهي. هيءَ مشين هڪ ئي وقت بني ۾ هڪ چڪر ۾ ٽي نالين ۽ به عدد پٽڙيون ناهي ٿي.

## فائدا:

- پاڻي جي بچت 20 کان 30 سيڪڙو تائين ٿئي ٿي.
- ٻوٽن لاءِ وٺ دير تائين محفوظ رهي ٿي.
- زمين جي تهه سخت ڪونه ٿي ٿئي ۽ زمين نرم ۽ محفوظ رهي ٿي.
- گندگاهه جو ڦوٽهڙو گهٽ ٿئي ٿو فصل ڪرڻ کان محفوظ رهي ٿو.
- ٻوٽن جو ڦوٽهڙو هڪ سرو ۽ واڌ ويجهه بهتر ٿئي ٿي.
- ٻوٽي جون ٽاريون مضبوط ٿين ٿيون ۽ داڻن ۽ ڦر جي سائيز وڏي ٿئي ٿي.
- ڀاڻ جي صلاحيت ڪاري بهتر ٿئي ٿي ۽ ڀاڻ ٻوٽي کي بهتر طريقي سان ميسر ٿئي ٿو.
- زمين ۾ موجود سم ۽ ڪلر سان فصل کي نقصان نٿو پهچي.
- برسات جو پاڻي ۽ فالتو پاڻي نالين ذريعي بهتر طريقي سان خارج ٿئي ٿو جنهن سان گهڻي پاڻي جي نقصان کان فصل محفوظ رهي ٿو.
- پيداوار ۾ 20 کان 30 سيڪڙو اضافو ممڪن ٿئي ٿو.

# ڀاڻ جي اهميت ۽ ان جا غذائي جزا

ترتيب ۽ ترجمو: باسط ٽالپر، نانجنگ ايگريڪلچر يونيورسٽي چائنا

پاڪستان هڪ زرعي ملڪ آهي. جنهن جي معيشت جو دارومدار زراعت تي آهي. جڏهن ته زراعت جو دارومدار جديد ٽيڪنالاجي، موسمياتي تبديلين سان مقابلو ڪرڻ وارين جنسن، گهڻي پيداوار ڏيندڙ ۽ مناسب پاڻي ڪٽندڙ جنسون ۽ سُٺي نموني ڀاڻ جو استعمال، زمين جي زرخيزي تي آهي.

زمين ۾ زرخيزي سٺي مقدار ۾ هجڻ ضروري آهي. پر سنڌ جي زمينن ۾ زرخيزي جو مقدار 1 سيڪڙو کان به گهٽ آهي. جڏهن ته زرخيزي زراعت ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ڏينهون ڏينهن اها مقدار گهٽجي وڃي ٿي. جنهن جي ڪري زمين جي پيداواري صلاحيت گهٽ رهي ٿي.

## وٿاڻ جو ڀاڻ ۽ جانورن جو پيشاب:

وٿاڻ جي ڀاڻ مان مراد جانورن جو ڇيڻو پيشاب ۽ سڙيل ڳريل گندگاهه جنهن ۾ تمام گهڻي مقدار ۾ خورد غذائي جزا موجود هوندا آهن. انهي کي گڏ ڪرڻ لاءِ بهتر طريقو اهو آهي ته انهي کي مٽي جو ليپو ڏئي 3 ڏينهن اندر بند ڪيو وڃي. تحقيق مان اهو معلوم ٿيو آهي ته جانورن جي پيشاب ۾ ڇيڻي جي مقابلي ۾ نائٽروجن ۽ فاسفورس وڌيڪ ٿئي ٿو ان ڪري جانورن جي وٿاڻ ۾ جانورن جي ٻيهارڻ واري جاءِ تي پراڙ وڇائي ڇڏجي ته جيئن پيشاب ان ۾ جذب ٿي بعد ۾ ڳريل پراڙ کي ڀاڻ ۾ ملائي زمين ۾ وجهجي.

موجوده تحقيق مطابق جانور تقريبن ٽي حصا ڇيڻو ۽ هڪ حصو پيشاب ڪندا آهن. جڏهن ته ڇيڻي جي مقابلي ۾ پيشاب ۾ نائٽروجن ۽ فاسفورس جي مقدار وڌيڪ هوندي آهي. انهي لاءِ ماهرين جو چوڻ آهي ته انهن ٻنهي کي گڏ ڪري استعمال ڪيو وڃي.

## وٿاڻ جي ڀاڻ ۾ موجود غذائي جُزا:

جڏهن وٿاڻ جي ڀاڻ جو تجزيو ڪيو ويو ته هينيان نتائج آيا.

ڪيميائي ڀاڻن کان وٿاڻ جي ڀاڻ جو استعمال مختلف آهي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهينو اڳي ڳريل سڙيل وٿاڻ جو ڀاڻ زمين ۾ وجهي سُٺي نموني هر هلائجي ۽ هڪ ڳالهه جو خيال رکجي ته تازي ڀاڻ استعمال ڪرڻ سان اڏوهي لڳڻ جو انديشو هوندو آهي. جيڪو فصل ۽ غذائي جزن کي پهنجي خوراڪ سمجهي کائي ڇڏن ٿا.

## وٿاڻ جي ڀاڻ ۾ موجود غذائي جُزا:

| غذائي جزا | مقدار (سيڪڙو) |
|---|---|
| نائٽروجن | 0.80 |
| فاسفورس | 0.25 |
| پوٽاشيم | 0.50 |
| ڪئلشيم | 0.08 |
| سلفر | 0.02 |
| زنڪ | 0.004 |
| ڪاپر | 0.0003 |
| ميگنيشيم | 0.007 |
| آئرن | 0.45 |

## وٿاڻ جي ڀاڻ سان زمين جي حالت ۽ فصلن جي پيداوار تي اثر

| نمبر | ڀاڻ جو مقدار | زمين جو قسم | فصلن جي پيداوار |
|---|---|---|---|
| .1 | 0.5 سيڪڙو کان گهٽ | تمام ڪمزور | گهٽ پيداوار |
| .2 | 0.5 کان 01 سيڪڙو تائين | ڪمزور | درمياني پيداوار |
| .3 | 1 کان 1.5 سيڪڙو | درمياني زرخيزي | سٺي پيداوار |
| .4 | 1.5 کان 2 سيڪڙو | زرخيز | تمام سُٺي پيداوار |
| .5 | 2.0 کان وڌيڪ | گهڻي زرخيزي | تمام سُٺي پيداوار |

## ڪڪڙين وارو ڀاڻ:

پکين جهڙوڪ مرغي ۽ بدڪن واري ڀاڻ کي به زمين ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. انهي ۾ ٻين ڀاڻن جي مقابلي ۾ نائٽروجن، فاسفورس ۽ پوٽاشيم وڌيڪ مقدار ۾ موجود آهن ۽ هي ڀاڻ زراعت ۾ هڪ وڏي اهميت حاصل رکي ٿو.

هڪ تجزيي مطابق ڪڪڙين ۾ هينيان غذائي جُزا موجود آهن

| غذائي جزا | مقدار (سيڪڙو) |
|---|---|
| نائٽروجن | 3.20 |
| فاسفورس | 2.63 |
| پوٽاشيم | 1.40 |

## رهيل فصل وارو ڀاڻ:

فصل جي لٽڻ يا ڪٽائي کان پوءِ بچڻ وارو حصو جهڙوڪ: پن، ٽاري ۽ پاڙون وغيره کي رهيل فصل وارو ڀاڻ چئبو آهي. گهٽو ڪري اهي رهيل فصل وارا حصا سائي ڇڏبا آهن جيتوڻيڪ اهي زرخيزي وڌائڻ لاءِ اهم ذريعو آهن. انهي کي باهه لڳائڻ کان بهتر آهي ته زمين ۾ هر سان ملائي ڇڏجن. انهي ۾ مختلف قسم جا جزا موجود آهن.

رهيل فصلن ۾ موجود غذائي جُزا:

| | ڪڻڪ جو بوهه يا بوسو | ونڊڻ جون تاريون يا پن | سارين جو پراڙ |
|---|---|---|---|
| نائٽروجن | 0.49 | 0.88 | 0.58 |
| فاسفورس | 0.11 | 0.15 | 0.10 |
| پوٽاشيم | 1.06 | 1.45 | 1.38 |

## سائو ڀاڻ:

سائو ڀاڻ زمين جي زرخيزي ۾ هڪ عاليشان ڪردار ادا ڪري ٿو. جڏهن سائو ڀاڻ استعمال ڪجي ٿو ته زمين ۾ زرخيزي تمام تيزي سان وڌي ٿي. جڏهن سائو ڀاڻ زمين ۾ مڪس ٿي وڃي ٿو تڏهن ڪيميائي عمل سان زمين ۾ زرخيزي سان گڏوگڏ زمين جي ذرڙن کي پاڻ ۾ گڏائي مضبوط ڪري ٿو.

باراني علائقن ۾ جتي برساتون مناسب پون ٿيون اتي جنتر، گوار نم ۽ دالين وارا فصل سائي ڀاڻ جي طور ڪم اچن ٿا.

## ڀاڻ تيار ڪرڻ جو طريقو:

سائو ڀاڻ تيار ڪرڻ لاءِ 3 کان 4 فٽ اونهو کڏو کوٽجي. انهي ۾ پن، سبزيون، فصل جون تاريون، ٻيدن جون کليون ۽ ٻيون ڳريل سڙيل شيون مڪس ڪري ان جو هڪ تهه تيار ڪجي. انهي جي مٿان مال جي ڇيڻي جو تهه لڳائجي ۽ آخر ۾ مٽي جو ٿُلو تهه ڏئي سُٺي نموني بند ڪجي. تقريبن 2 يا 3 مهينن کان پوءِ ڀاڻ ٺهي جي استعمال جهڙو ٿي ويندو. سائي ڀاڻ واري زمين ۾ 30 کان 40 ڪلوگرام في ايڪڙ نائٽروجن پيدا ڪري سگهي ٿي.

سائي ڀاڻ جي تجزيي مطابق هيٺيان غذائي جزا آيا آهن:

| فصل | نائٽروجن | فاسفورس | پوٽاشيم |
|---|---|---|---|
| جنتر | 2.71 | 0.53 | 2.21 |
| نيم | 2.83 | 0.28 | 0.35 |
| گوار ۽ داليون | 3.50 | 0.60 | 1.20 |

# سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ چند مفيد مشورا

1. پوکائي هميشه وقت تي ۽ مندائتي ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ جو وقت تي پوکي ڪرڻ سان ٻوٽن کي گهربل روشني ۽ درجه حرارت ملي ٿي جنهن ڪري ٻوٽا وقت تي تيار ٿين ٿا ۽ آڳاٽا مارڪيٽ ۾ اچن ٿا. جيت ۽ بيماريون فصل تي گهٽ اچن ٿيون. زمين ٻئي فصل لاءِ جلد واندي ٿئي ٿي ۽ مناسب ناٽو حاصل ٿئي ٿو.
2. زمين جي ساخت ۽ قسم کي نظر ۾ رکندي اونها هَرَ ڏجن
3. سٺي ۽ صحتمند ٻج جي چونڊ ڪجي. پراڻو ڦڳل يا سرو لڳل ٻج هرگز نه پوکجي ۽ هميشه پروسيي واري واپاري کان تصديق ٿيل ٻج خريد ڪجي جنهن ۾ ڦوٽهڙي جي صلاحيت هجي.
4. ٻج هميشه سفارش ٿيل مقدار ۾ پوکجي انهي سان گهربل ٻوٽن جو تعداد حاصل ٿيندو ۽ پيداوار پوري حاصل ٿيندي.
5. پاڻي وقت سر ۽ مناسب مقدار ۾ ڏجي جهڙوڪ پاڙ هٽڻ وقت، گل اچڻ وقت، ڦرين ٺهڻ وقت، ڦوٽهڙي وقت پر جيڪڏهن وڌيڪ مقدار ۾ ڏنو ويو ته فائدي بجاءِ نقصان ٿيندو. ۽ ٻوٽا پاڙ ڳرڻ واري بيماري جو شڪار ٿيندا. ۽ مناسب آڪسيجن به حاصل نه ٿيندي پاڻي ٿڌ واري وقت ۾ ڏيڻ گهرجي. جيئن ٻاڦ نه ٿي اڏامي نه وڃي ۽ پاڙون آساني سان جذب ڪري وٺن.
6. ڀاڻ هميشه زمين جي مٽي چڪاس ڪرائي پوءِ ڏيڻ گهرجي انهي سان صرف اهي ڀاڻ ڏبا جن جي ضرورت هوندي ۽ اضافي خرچ نه ٿيندو.
7. همشه وٿاڻ جو ڳريل ۽ پراڻو ڀاڻ ڏيڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته نئين يا تازي ڀاڻ جي ڪري زمين ۾ اڌوهي وارو مرض لڳي سگهي ٿو.
8. فصل جو روزانو جي بنياد تي جائزو وٺڻ گهرجي انهي سان جيتن ۽ بيمارين جو تدارڪ ڪرڻ آسان ٿيندو.
9. زرعي زهر جو استعمال جيتن ۽ بيمارين جي شدت ۽ تعداد کي ڏسڻ کانپوءِ زرعي ڪارڪن جي مشوري سان ڪرڻ گهرجي.
10. لابارو چونڊو يا پٽائي وقت سر تڏي وقت تي ڪرڻ گهرجي جيڪڏهن وقت کان اڳ ڪبو ته اَن ڪچو ملندو ۽ جيڪڏهن دير سان ڪبو ته ان ڇاٽو ڪندو. لابارو يا پٽائي تي توجهه نه ڏيڻ سان 10 کان 15 سيڪڙو نقصان ٿي سگهي ٿو.

# زرعي انجنيئرنگ، زراعت کاتي سنڌ جي نون بلڊوزرن جي افتتاحي تقريب

## مهمانِ خاص جناب منظور حسين وساڻ مشيرِ زراعت، حڪومتِ سنڌ

زراعت کاتي حڪومتِ سنڌ جي زرعي انجنيئرنگ واري شعبي پاران 21 ڊسمبر 2021 تي ايگريڪلچر انجنيئرنگ ورڪشاپ ٽنڊوڄام ۾ نون خريد ڪيل بلڊوزرن واري افتتاحي تقريب ڪوٺائي وئي. جنهن جا مهمان خاص جناب منظور حسين وساڻ مشيرِ زراعت، حڪومتِ سنڌ هئا.

هن موقعي تي مهمان خاص پنهنجي تقرير ۾ چيو ته جنهن تيز رفتاريءَ سان انساني آبادي وڌي رهي آهي، اُن لاءِ اوتري ئي تيزيءَ سان خوراڪ ۽ ٻين ضرورتن جي پورائي جي گهرج آهي. ان ڳالهه کي مدِ نظر رکندي اسان جي پارٽي ۽ صوبائي حڪومت زراعت کي وڌيڪ اهميت ڏئي رهي آهي. اسين سمجهون ٿا ته مشيني زراعت ۾ پاڻيءَ جو بهتر استعمال ان سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. ان ڪري نه رڳو هي نوان بلڊوزر زرعي انجنيئرنگ شعبي پاران آندا ويا آهن پر واٽر ڪورسن کي پڪو ڪري پاڻيءَ جي بهتر استعمال تي به خصوصي ڌيان ڏنو پيو وڃي.

جناب منظور حسين وساڻ هن موقعي تي وڌيڪ چيو ته اسين زراعت جي ترقيءَ ۽ آبادگارن جي ڀلائيءَ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪري رهيا آهيون. جنهن لاءِ اسين وڌيڪ پيداوار ڏيڻ وارين جنسن جي ايجاد، بهتر پوکي راهيءَ وارن طريقن کي متعارف ڪرائڻ ۽ آبادگارن کي وقتائتا زرعي مشورا ڏيڻ تي ڌيان ڏئي رهيا آهيون. ڪوشش اِها آهي ته سنڌ جي زراعت سيني کان وڌيڪ ترقي ڪري ۽ صوبي ۾ خوشحالي اچي.

هن موقعي تي ڪيميائي ڀاڻن جي صورتحال تي ڳالهائيندي جناب منظور حسين وساڻ چيو ته مقرر اگهه تي ۽ گهرج مطابق ڪيميائي ڀاڻن جي فراهميءَ کي صوبي ۾ يقيني بڻائڻ اسان جي اولين ڪوشش آهي. مون کاتي جي آفيسرن کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن ته وڌيڪ اگهه تي ڪيميائي ڀاڻ وڪرو ڪندڙ يا ڪيميائي ڀاڻ کي ذخيرو ڪندڙ ماڻهو ڪير به هجي اُن کي هرگز بخش نه ڪيو وڃي ۽ ان خلاف قانون مطابق سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.



افتتاحي تقريب کي سيڪريٽري زراعت سنڌ جناب پرويز احمد سيهڙ خطاب ڪيو ۽ زراعت کاتي جي ڪمن متعلق ڳالهائيندي چيو ته زراعت کاتي سنڌ جي هر ممڪن ڪوشش آهي ته زراعت کي ترقي ڏيارجي، جنهن تي اڪثر آباديءَ جو دارومدار آهي.

تقريب ۾ پروفيسر فتح محمد مري وائيس چانسلر سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام، هدايت الله ڇڄڙو ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع سنڌ، حاجي امداد ميمڻ ڊائريڪٽر جنرل (ايم اينڊ آءِ) سنڌ ڪراچي، فرخ رشيد ڊائريڪٽر جنرل زرعي انجنيئرنگ سنڌ، نور محمد بلوچ ڊائريڪٽر جنرل زرعي تحقيق سنڌ سميت مختلف مثالي آبادگارن سيد نديم شاهه، نبي بخش سٺيو غلام مجتبيٰ انڙ ۽ ٻين ڪيترن ئي آفيسرن ۽ آبادگارن شرڪت ڪئي.

تقريب جي شروعات ۾ مهمان خاص جناب منظور حسين وساڻ پٽي ڪٽي 12 نون آيل بلڊوزرن جو افتتاح ڪيو ۽ پاڻ هڪڙو بلڊوزر هلائي پڻ ڏٺو. ان کان علاوه ميڊيا وارن سان پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي.

# گهٽ مدي وارا فصل

هي فصل پوکي کان پچڻ يا لاباري تائين گهٽ وقت وٺن ٿا. جنهن ڪري انهن جون پاڻي واريون ضرورتون بہ گهٽ آهن. اڪثر حالتن ۾ گهٽ مدت وارا فصل (Short duration crops) سڏجن ٿا. جيڪي پوکيءَ کان پچڻ تائين 60 کان 75 ڏينهن جي مدت ۾ پچي تيار ٿين ٿا. هن قسم جي فصلن کي 2 کان 3 پاڻي جي ضرورت پوي ٿي. پر پاڻي کوٽ جي حالتن ۾ 1 کان 2 پاڻي ڏيڻ سان بہ پيداوار وٺي سگهجي ٿي. هي فصل اڪثر حالتن ۾ سرءُ يا بهار جي مندن ۾ پوکيا وڃن ٿا. جنهن دوران گرمي درجو موافق رهي ٿو ۽ ڏينهن بہ ننڍا ٿين ٿا.

(1) بهار جي موسم ۾ مگ، موٺ، گوار، تر، سويابين، ارهڙ، جوئر، باجهري، جنتر ۽ چونئرا وغيره.

(2) سرءُ جي موسم ۾ سرنهن، توريو، جانيو، السي، پواڙي، سورج مکي، سؤنف، اسپنگر، جاڻ، جيرو، ڏاٽا، هُرهو وغيره.

**بارانـي فصل:** هي فصل وسڪاري بعد برسات جي پاڻي تي ٿين ٿا. سنڌ ۾ ٿر ۽ ڪوهستان يا ڪاڇو خشڪ علائقا سڏجن ٿا. جتي آبپاشي جو نظام نہ هجڻ سبب فصلن جي پوکي برسات يا مينهن بعد ڪئي ويجي ٿي. هي فصل برسات جي پاڻي واري ريج يا وَٽ تي پوکيا وڃن ٿا. جنهن ڪري باراني يا خشڪي فصل سڏجن ٿا. اهڙن فصلن جي ڪاميابي لاءِ پوکيءَ بعد هڪ يا ٻہ وسڪارا ضروري آهن.

مثال طور: سنڌ ۾ ٿر ۽ ڪوهستان جي باراني علائقن ۾ جوئر، باجهري، مگ، موٺ، گوار، تر ۽ هيرڻ وغيره چوماسي جي برساتن بعد پوکيا وڃن ٿا.

**دوبـاري فصل:** سنڌ ۾ هن قسم جا فصل ساريال جي علائقن ۾ پوکيا وڃن ٿا. ڇاڪاڻ تہ سارين جي لاباري بعد زمين ۾ وَٽُ يا ريج گهڻي مقدار ۾ رهي ٿو. جڏهن تہ زمين ۾ ان بچتو گهم يا آلاڻ (Residual moisture) کي فصلن جي پوکيءَ لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو.

ساريال جي علائقي ۾ لاباري بعد زمين ۾ ساڳي گهم يا آلاڻ تي گهٽ مدت وارا دوباري فصل پوکيا وڃن ٿا جنهن ۾ مٽر، چڻا، مسور، سرنهن، جانيو، السي، پواڙي، سورج مکي، ڏاٽا، هرهو، سؤنف، اسپنگر ۽ لوسڻ وغيره پوکيا وڃن ٿا. هن قسم جي فصل کي پاڻي جي گهٽ ضرورت پوي ٿي يا عام حالتن ۾ دوباري فصلن کي پاڻي نہ ڏنو ويندو آهي.

**بوسي فصلن:** هن قسم جا فصل خريف يا ربيع جي موسمن ۾ پوکيا وڃن ٿا. بوسي فصلن جي پوکيءَ کان اڳ زمين کي هڪ ڀرو پاڻي ڏنو ويجي ٿو ۽ زمين وٽ ۾ اچڻ بعد ان ۾ گهٽ مدت ۽ گهٽ پاڻي جي ضرورت وارا فصل پوکيا وڃن ٿا. هي فصل اڪثر حالتن ۾ درياءَ جي ڪچي وارين ايراضين ۾ پوکيا وڃن ٿا. ڇاڪاڻ تہ درياءَ جي اُٿل يا ٻوڏ سبب ڪچي جي زمين پاڻي هيٺ اچي ٿي. بعد ۾ پاڻي سڪڻ کان پوءِ ان ايراضيءَ ۾ بوسي فصل لڳايا وڃن ٿا. سنڌ ۾ اونهاري يا خريف جي مند دوران دريائي اُٿل سبب ڇڏيل زمين جي ريج يا وَٽَ تي گدرا، هندوانا، ميها، ونگا ۽ ڪيرا، گوار وغيره پوکيا وڃن ٿا. جڏهن تہ سياري يا ربيع جي مند ۾ دريائي ڪچي وارن علائقن ۾ ڪٽڪ، جَوَ، چڻا، مٽر، توريو، جانيو، السي، لوسڻ وغيره پوکيا وڃن ٿا.

## سائي ڀاڻ جا فائدا

- زمين ۾ نامياتي مادو وڌي ٿو.
- زمين جي زرخيزي بحال ٿئي ٿي.
- زمين نرم ۽ ڀرڀري ٿئي ٿي.
- زمين ۾ هوا جو گذر بهتر ٿئي ٿو.
- زمين ۾ وٽ ڊيگهه عرصو محفوظ رهي ٿي.
- زمين ۾ پاڻي بهتر نموني سان جذب ٿئي ٿو.
- زمين ۾ نائٽروجن جو مقدار وڌي ٿو.
- زمين ۾ موجود فائديمند جيوڙا واڌ ڪائين ٿا.
- زمين ۾ خوراڪي جزا وڌن ٿا.
- زمين ۾ ڪاڏ وارو عمل رڪجي ٿو.
- زمين جو ڪاربڊ بهتر ٿئي ٿو.
- زمين ۾ ٻيو فصل بهتر ٿئي ٿو.
- ٻوٽن جي واڌويجهه بهتر ٿئي ٿي.
- ٻوٽا صحتمند ٿين ٿا.
- پيداوار ۾ اضافو ٿئي ٿو.
- سياري ۾ لوسڻ، برسيم، جنتر ۽ گوار کي سائي ڀاڻ طور استعمال ڪري سگهجي ٿو.
- اونهاري ۾ سائي ڀاڻ جي مقصد لاءِ هلڪين زمينن لاءِ گوار، سخت ۽ ڪلر وارين زمينن لاءِ جنتر بهتر آهي.

(Ridge & Furrow Sowing)

# رجر سان فصلن جي پوکائي

پاڻي فصل جي هڪ اهم ترين ضرورت آهي. جڏهن ته پاڻي جي روز بروز شديد کوٽ پيداوار ۾ گهٽتائي جو سبب بنجي رهي آهي. پوکي جي روايتي طريقي سان پارن کي سڌو پاڻي ڏيڻ سبب تقريباً 30 کان 50 سيڪڙو پاڻي زيان ٿي ويجي ٿو جڏهن ته ٻج جو هڪ ڪرو ۽ بهتر ڦوهڙو به نٿو ٿئي. پاڻ به سٺي طريقي سان ٻوٽي کي ميسر نٿو ٿئي. اسان جي ملڪ ۾ پٽڙين تي پاڃيون ۾ فصلن جي پوکي ڏڳهي عرصي کان ٿي رهي آهي. جيڪڏهن زمين کي هموار ۽ بهتر تيار ڪيو وڃي ۽ پاڻ ۽ ٻج چٽي ٻني ۾ ٽريڪٽر ذريعي (Ridger) هلايو وڃي ته پٽڙين تي ٻج ۽ پاڻ جمع ٿي وڃي ٿو. ناليون ٻني کي پاڻي ڏيڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿيون.

**فائدا:**

- ٻوٽن لاءِ وٽ دير تائين محفوظ رهي ٿي.
- گندگاهه جو ڦوهڙو گهٽ ٿئي ٿو. فصل ڪرڻ کان محفوظ رهي ٿو.
- ٻوٽي جون ٽاريون مضبوط ٿين ٿيون ۽ داڻا تلها ٿين ٿا.
- پاڻ جي صلاحيت ڪاري بهتر ٿئي ٿي ۽ ٻوٽي کي سٺي نموني پاڻي ميسر ٿئي ٿو.
- فالتو پاڻي جي نڪاسي نالين مان آساني سان ٿي وڃي ٿي، جنهن سان فصل گهٽي پاڻي جي نقصان کان محفوظ رهي ٿو.
- زمين ۾ ڪلر ۽ سم جو فصل کي نقصان نٿو پهچي.
- زير زمين پاڻي ڪيڏڻ تي خرچ ۾ 40 سيڪڙو گهٽتائي ٿئي ٿي.
- تمام سستو ۽ عام پوکي جو طريقو آهي. جنهن لاءِ ڪوئي الڳ خرچ ڪونه ٿو اچي.
- پيداوار ۾ 20 کان 30 سيڪڙو اضافو ممڪن ٿئي ٿو.

## بيڪنگ سوڊا ۽ نم جي تيل ذريعي جيتن ۽ بيمارين تي ضابطو

دنيا ۾ زراعت ۾ ترقيءَ واسطي تمام گهڻو تحقيقي ڪم ٿي رهيو آهي. جنهن کي شروعاتي طور تي ننڍي پئماني تي پنهنجي فصل ۾ استعمال ڪري تجربي ذريعي حاصل ٿيل نتيجن جي آڌار تي وڌائڻ گهرجي.

اهڙن تحقيقي ڪمن مان بيڪنگ سوڊا ۽ نم جي تيل کي پاڻيءَ ۾ ملائي فصلن تي ڦوهارو ڪرڻ سان جيتن ۽ بيمارين جو تدارڪ ڪري سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾ ڳار ناهڻ لاءِ هڪ لٽر پاڻي ۾ ٻه چمچا بيڪنگ سوڊا ، هڪ چمچو نم جو تيل ۽ چند ڦڙا ڻانون ڌوئڻ واري پاڻياڻي صابڻ جا ملائي ڦوهارو ڪرڻ سان ڏاڍا سٺا نتيجا نڪرن ٿا. هن ڳار کي استعمال ڪرڻ سان نه صرف جيت ۽ فنگس وارا مرض ختم ٿين ٿا پر ان سان گڏ ٻوٽن کي غذائيت پڻ ملي ٿي. جنهن سان ٻوٽا صحت مند ٿين ٿا.

# پاڻن جي قيمتن ۾ فراهميءَ لاءِ ڪنيل قدم

رپورٽ: غلام سرور ڪوکر

سنڌ ۾ ڪيميائي پاڻن خاص طور يوريا جي کوٽ ۽ قيمتن جي واڌ کي مدي نظر رکندي زراعت کاتي حڪومتِ سنڌ پاران وزيراعليٰ سنڌ جي زراعت بابت صلاحڪار منظور حسين وساڻ جي هدايتن تي خصوصي مهم هلائي پئي وڃي.

هن مهم ۾ خاص طور تي پاڻن جي ذخيره اندوزي کي روڪڻ ۽ مقرر قيمتن تي پاڻن جي وڪري لاءِ زرعي توسيعي شعبي جون ٽيمون ۽ ضلع انتظاميه جا عملدار گڏيل طور تي ڪارروايون ڪري رهيا آهن. ان سان گڏ صوبي کان ٻاهر پاڻن جي چرپر کي روڪڻ لاءِ خصوصي چيڪ پوسٽون قائم ڪيون ويون آهن.

هن مهم دوران ڪيترن ئي جاين جهڙوڪ: ميرپورخاص، ٽنڊو آدم، لاڙڪاڻو قمبر شهدادڪوٽ، ٽنڊوالهيار، جيڪب آباد، بدين ۽ ڪراچي وغيره ۾ ڇاپا هڻي ذخيرو ڪيل پاڻ کي مقرر اگهه تي آبادگارن کي ڏياريو ويو آهي ۽ سلسلو جاري آهي.

ان سان گڏ تازوئي پاڻن جي ڪاروبار ڪندڙن سان هڪ گڏجاڻي ڊائريڪٽر جنرل هدايت الله ڇڄڙو جي صدارت هيٺ ٿي گذري جنهن ۾ پاڻن جي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. سيني پاڻن جي ڪاروبار ڪندڙن کي سختي سان هدايت ڪئي وئي ته پاڻن جي ذخيره اندوزي ۽ وڌيڪ قيمت تي وڪرو ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ قانون مطابق وڌيڪ سخت ڪارروايون ڪيون وينديون.

هن موقعي تي ذوالفقار علي جاگيراڻي ڊائريڪٽر پلانٽ پروٽيڪشن پاڻن جي صورتحال جا تفصيل ٻڌايا ۽ قانوني گهرجن تي روشني وڌي. هن گڏجاڻي ۾ سڄي سنڌ مان ڊيلرن ۽ آفيسرن شرڪت ڪئي.

جڏهن ته اهو سلسلو سڄي سنڌ ۾ هن وقت به جاري آهي وڌيڪ قيمتون وٺندڙ ۽ پاڻن کي ذخيره ڪندڙن خلاف قانون مطابق ٿڌي تي ڏنڊ ۽ انهن تي ايف آءِ آر هڻڻ واريون ڪارروايون پڻ ڪيون ويون آهن. ان ڏس ۾ هيل تائين لاڙڪاڻو جي ٽن ڊيلرن کي مجموعي طور 7500، قمبر شهدادڪوٽ جي هڪ ڊيلر تي 2000 هزار، ڪشمور جي 10 ڊيلرن تي 20000 هزار، ميرپورخاص جي ٻن ڊيلرن تي 4000، عمرڪوٽ جي ٽن ڊيلرن تي 4000، نوشهروفيروز جي 13 ڊيلرن تي 36500، حيدرآباد جي ٻن 23000، مٽياري جي ٻن ڊيلرن تي 2500، ٽنڊوالهيار جي 5 ڊيلرن تي 575000، بدين ۾ ٻن ڊيلرن تي 25500، ٺٽ جي چار ڊيلرن تي 35000، سکر جي چار 27000، ٽنڊو محمد خان جي ٽن ڊيلرن تي 40000 هزار جڏهن ته سانگهڙ جي هڪ ڊيلر تي 20000 هزار ڏنڊ هنيو ويو آهي.

پاڻن جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ سڄي سنڌ ۾ زرعي توسيعي شعبي جي ضلعي آفيسن ۾ فرٽيلائيزر ايمرجنسي سيل قائم ڪيا ويا آهن. جتي سينيئر عملدارن کي فوڪل پرسن مقرر ڪيو ويو آهي ته جيئن اهي آبادگارن جون ان سلسلي ۾ شڪايتون ٻڌي تدارڪ ڪري سگهن.

# ايمرجنسي سيل جا تفصيل هتي پڻ آبادگارن جي آگاهي لاءِ ڏجن ٿا

| نمبر | ضلعو | آفيسر جو نالو | عهدو | موبائل نمبر/واٽس اپ موبائل |
|---|---|---|---|---|
| **حيدرآباد ڊويزن** | | | | |
| 1. | حيدرآباد | عابد علي ناهيون | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0333-2601941 |
| 2. | ٺٽو | بدرالدين پٽي | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0317-3765652 |
| 3. | بدين | محمد صالح قمبراڻي | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0346-8051068 |
| 4. | دادو | دين محمد ڳُنڊ | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0333-7067311 |
| 5. | مٽياري | محمد سليم راجپوت | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0300-3016936 |
| 6. | ٽنڊو محمد خان | مير سهيل ٽالپور | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0300-3068999 |
| 7. | ٽنڊو الهيار | ابرار احمد مجيداڻو | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0300-3044368 |
| 8. | ڄامشورو | عبدالنبي شاهه | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0300-3090783 |
| **ميرپورخاص ڊويزن** | | | | |
| 9. | ميرپورخاص | گوهرام بلوچ | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0333-2961588 |
| 10. | عمرڪوٽ | اياز ڪاڇيلو | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0333-7033564 |
| 11. | ٿرپارڪر ايٽ مٺي | وجي ڪمار | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0334-3583733 |
| **سکر ڊويزن** | | | | |
| 12. | سکر | خداداد چاچڙ | ايگريڪلچر آفيسر | 0333-8818883 |
| 13. | گهوٽڪي | شاهنواز شيخ | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0300-3190306 |
| 14. | خيرپور | قمرالدين سولنگي | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0306-3775669 |
| **شهيد بينظيرآباد ڊويزن** | | | | |
| 15. | شهيد بينظير آباد | راهب علي ڏٿورو | ايگريڪلچر آفيسر | 0315-6071988 |
| 16. | سانگهڙ | محمد هاشم سولنگي | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0300-4361503 |
| 17. | نوشهروفيروز | الطاف حسين چنڙ | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0300-3790053 |
| **لاڙڪاڻو ڊويزن** | | | | |
| 18. | لاڙڪاڻو | سعيد احمد ٽنيو | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0300-3415871 |
| 19. | جيڪب آباد | امان الله نوناري | ايگريڪلچر آفيسر | 0302-3635384 |
| 20. | شڪارپور | منظور علي شاهه | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0332-3947286 |
| 21. | ڪشمور | ڊاڪٽر فتح محمد ڪانهر | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0304-4513836 |
| 22. | قمبر ايٽ شهدادڪوٽ | زين العابدين ٻرڙو | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0300-3419973 |
| **ڪراچي ڊويزن** | | | | |
| 23. | ڪراچي | عبدالغني عارباڻي | ڊپٽي ڊائريڪٽر | 0331-3592376 |

# گوگڙو صوف کان ڏهه دفعا وڌيڪ فائديمند

محمد يوسف چنا، پرنسپل اي ٽي آءِ سڪرنڊ



گوگڙو صوف کان ڏهه دفعا وڌيڪ فائديمند آهي. گوگڙو خاص طور تي ڏورن (مسلز) جي ڪمزوري، چيلهه جي سور، ٽنگن جي سور، دل، جگر، اکين، هڏين، جوڙن جو سور، يورڪ ايسڊ، ڪولسٽرول کي نارمل ۽ قبض ختم ڪندو آهي.

گوگڙو کي اباري بيسڻ سان ڳوهي ماني پچائي کائڻ سان شگر ڪنٽرول ڪرڻ ۾ فائديمند آهي البته ڪٽڪ چڙهٽي پوندي ۽ سلاد ۾ به گوگڙو کي استعمال ڪري سگهجي ٿو ۽ گهٽي کائڻ سان پيٽ ڀرجي ويندو آهي. وزن گهٽ ڪرڻ وارن جو پڻ دوست آهي.

اچو ته هڪ پروسي واري ويب سائٽ جي تعاون سان صوف ۽ گوگڙو ۾ موجود فائديمند شين جو فرق سمجهون...

سڀني کان اهم ڳالهه ته گوگڙو ۾ صوف کان ڏهه دفعا وڌيڪ وٽامن سي هوندي آهي يعني صوف ۾ 24 سيڪڙو ۽ گوگڙو ۾ 200 سيڪڙو.

## گوگڙو ۾ هيٺين ريت خوراڪ ٿئي ٿي:

وٽامنB1 صوف ۾ 7 سيڪڙو ۽ گوگڙو ۾ 29 سيڪڙو.
وٽامنB6 صوف ۾ 14 سيڪڙو ۽ گوگڙو ۾ 58 سيڪڙو.
سوڊيم صوف ۾ 0 سيڪڙو گوگڙو ۾ 32 سيڪڙو.
پوٽاشم صوف ۾ 12 سيڪڙو ۽ گوگڙو ۾ 39 سيڪڙو.
ڪيلشم صوف ۾ 5 سيڪڙو ۽ گوگڙو ۾ 43 سيڪڙو.
ميگنيشم صوف ۾ 5 سيڪڙو گوگڙو ۾ 22 سيڪڙو.
فاسفورس صوف ۾ 7 سيڪڙو ۽ گوگڙو ۾ 33 سيڪڙو.
آئرن صوف ۾ 8 سيڪڙو ۽ گوگڙو ۾ 36 سيڪڙو.
مينگنيز صوف ۾ 6 سيڪڙو ۽ گوگڙو ۾ 42 سيڪڙو.
ڪاپر صوف ۾ 10 سيڪڙو ۽ گوگڙو ۾ 61 سيڪڙو.
زنڪ صوف ۾ 2 سيڪڙو ۽ گوگڙو ۾ 21 سيڪڙو.
سيلينئيم صوف ۾ 0 سيڪڙو ۽ گوگڙو ۾ 11 سيڪڙو.
فائبر صوف ۾ 9 سيڪڙو ۽ گوگڙو ۾ 13 سيڪڙو.
پروٽين صوف ۾ 1 سيڪڙو ۽ گوگڙو ۾ 6 سيڪڙو.

هاڻ اوهان پاڻ ئي اندازو لڳائي سگهو ٿا، جيڪڏهن صوف ميسر نه هجي، مهنگو هجي ته گوگڙو گهٽ قيمت ۾ با آساني ملي سگهي ٿو. جيڪڏهن موسم نه به هجي ته قدرتي سرڪي ۾ آچار ٿاهي سال تائين محفوظ رکي سگهجي ٿو. روزمره ڪنهن نئي شڪل ۾ نئين ذائقي جهڙوڪ: سلاد، سوپ، حلوه، آچار، ڪسٽرڊ، چٽڻي، ڪباب، جيم، ڪيڪ ۽ ٻيون کوڙ ساريون شيون وڏي ڳالهه ته آئيسڪريم به. ٺاهي سگهجي ٿي.

# ٻج چونڊتا ڦٽن؟

ڀاڄين جي ٻج جو اهم مسئلو آهي ته سٺا ٻج به نه ٿا ڦٽن جيڪڏهن ڦٽن ٿا ته وري جلدي سڙيو وڃن ٿا. انهي لاءِ لازمي آهي ته ٻج کي ڦٽڻ لاءِ جيڪي حالتون درڪار آهن ڇا اسان ان کي اهي ڏئي رهيا آهيون.

ٻج ڦٽڻ لاءِ سڀ کان پهرين عنصر آهي درجه حرارت. جيڪڏهن گهربل درجه حرارت نه ملندي ته ٻج جي اندر رکيل ننڍڙو سلو جنهن کي زمين تي اچي پنهنجي زندگي جي شروعات ڪرڻي آهي اهو ٻاهر نه نڪرندو. انهي لاءِ مناسب درجه حرارت اهميت رکي ٿي. ٻيو عنصر آهي مناسب نمي يا گهم. جيڪڏهن پوري نمي ملندي ته ٻاهرين کل نرم ٿي ويندي ۽ سلو ٻاهر پاڙ هڻڻ جي شروعات ڪندو پر جيڪڏهن وڌيڪ پاڻي ملندو ته پاڻي ٻج جي اندر داخل ٿي سلي کي خراب ڪري ڇڏيندو ۽ گهٽ ملندو ته سلو پنهنجي شروعاتي واڌ نه ڪندو. تنهن کان پوءِ وارو آهي زمين جنهن ۾ ٻج ڦٽڻو آهي جيڪڏهن اها سخت آهي ته سلو پنهنجي نازڪ پاڙ نه هٽي سگهندو ۽ ڦوٽهڙو نه ڪندو. انهي ڪري ٻوٽن جون نرسريون تيار ڪري پوءِ زمين ۾ ٻوٽا منتقل ڪيا ويندا آهن جتي ٻوٽا پنهنجي زندگي جي شروعات ڪن ٿا. انهي حل لاءِ جيڪڏهن واري، لٽ يا واٽر جي مٽي اوتروئي ڳريل نامياتي مادو يا پراٽو پاڻ ڪٽي چڱي ريت ملائي جتي ٻج هڻڻو آهي اتي ڪاني سان سوراخ ڪري 3 کان 4 انچ ان ۾ اها مٽي وجهي پوءِ ٻج رکي هلڪو پاڻي ڏجي ته تمام سٺا نتيجا نڪرندا ۽ ٻوٽو چڱي ريت پنهنجي پاڙ ۾ پن ڪيندو ۽ بهتر واڌ ڪندو. ۽ نازڪ کان نازڪ ٻج به ڦوٽهڙو ڪندو.

# Vaccination Chart for Control of Contagious Diseases

# وچڙندڙ بيمارين کان بچائڻ لاءِ جانورن کي ڪيلينڊر موجب ٽڪا هڻائڻ

## ڊائريڪٽوريٽ آف اينيمل هسبنڊري سنڌ حيدرآباد، لائيواسٽاڪ اينڊ فشريز ڊپارٽمينٽ حڪومتِ سنڌ

| بيمارين وارو مهينو | بيمارين جو نالو | بيمارين کان متاثر ٿيندڙ نسل | ٽڪن هڻائڻ جو صحيح وقت | بيماري کان قوت مدافعت (بچاءُ) جو عرصو |
|---|---|---|---|---|
| جنوري | (اينٽروٽاڪسيميا) | رڍون ۽ ٻڪريون | ڊسمبر جو آخري هفتو | 6 مهينا |
| فيبروري | رتاوان دست مهاڙو يا منهن کر (فٽ اينڊ مائوٿ) ٽڪاءُ ڪارو واءُ يا ٻرڪي (اينٽريڪس) | ڳائو ۽ ماهيو مال رڍون ۽ ٻڪريون ڳائو ۽ ماهيو مال | جنوري جو پهريون هفتو جنوري جو آخري هفتو | 6 مهينا هڪ سال |
| مارچ | ماتا (شيپ پاڪس) | رڍون ۽ ٻڪريون | فيبروري جو آخري هفتو | 9 مهينا |
| اپريل | ڪاري ٽنگ يا ست جي بيماري (بليڪ ڪوارٽر) | ڳائو ۽ ماهيو مال | مارچ جو پهريون هفتو | تقريبن هڪ سال |
| مئي | مهاڙو (فٽ اينڊ مائوٿ) | ڳائو ۽ ماهيو مال | اپريل جو پهريون هفتو | 6 مهينا |
| جون | ڦڦڙي (پليورو نمونيا) | رڍون ۽ ٻڪريون | مئي جو پهريون هفتو | هڪ سال |
| جولاءِ | رتاوان دست (انٽروٽاڪسيميا) | رڍون ۽ ٻڪريون | جون جو پهريون هفتو | 6 مهينا |
| آگسٽ | گهوگهي يا گل گهوٽي جي بيماري (هيموريجڪ سيپٽيسيميا) | ڳائو ۽ ماهيو مال | جولاءِ جو آخري هفتو | 3-4 مهينا |
| سيپٽمبر | ٽڪاءُ (اينٽريڪس) | رڍون ۽ ٻڪريون ڳائو ۽ ماهيو مال رڍون ۽ ٻڪريون | آگسٽ جو مهينو آگسٽ جو مهينو | هڪ سال 9 مهينا |
| آڪٽوبر | ٽڏي ماتا (رنڊرپيسٽ) مهاڙو (فٽ اينڊ مائوٿ) | ڳائو ۽ ماهيو مال ڳائو ۽ ماهيو مال | سيپٽمبر مهينو سيپٽمبر جو آخري هفتو | هڪ سال 6 مهينا |
| نومبر | ڦڦڙي (پليورو نمونيا) | رڍون ۽ ٻڪريون | نومبر جو آخري هفتو | هڪ سال |
| ڊسمبر | رتاوان دست (اينٽروٽاڪسيميا) | رڍون ۽ ٻڪريون | نومبر جو آخري هفتو | 6 مهينا |